(عربي اردو، سنڌي، گجراتي انگلش، بنگالي ۽ هندي) ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ميگزين

Faizan-e-Madina | Monthly Magazine | رنگین شمارہ

ماهوار

# فيضانِ مدينہ

(دعوتِ اسلامي)

جنوري 2026 / شعبان 1447



- اسلام جو نظامِ مواخات
- ڏيئرن ڪي مهمانوازي جو سليقو سيڪاريو
- اسلامي معاشرو ئي مثالي مُعاشرو آهي
- احڪامِ تجارت،
- مدني مذاڪرو



# مبارڪ ڪڙيءَ جي ٺوڪر سان چشمو جاري ٿي ويو

(مولانا سيد عمران اختر عطاري مدني)

رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتِ اقدس ۾ الله پاڪ جي قدرت جا جلوا نظر اچن ٿا. الله تعاليٰ پاڻ سڳورن کي اهڙا بيشمار معجزا عطا فرمايا، جن نه صرف سندن نبوت جي سچائي کي ظاهر ڪيو، بلڪ انساني همدردي ۽ ايمان افروزيءَ جو سامان پڻ بڻيا. اچو ته اڄ اهڙي ئي هڪ ايمان افروز معجزي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪيون ٿا:

ابوطالب بيان ڪن ٿا ته مان پنهنجي ڀائٽي، يعني حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ 'ذوالْمَجاز' ۾ هئس، (هي عرفه کان هڪ فرسخ يعني تقريباً ٽي ميل جي فاصلي تي هڪ جاءِ آهي، جتي جاهليت جي دور ۾ بازار لڳندي هئي). اوچتو مون کي اُڃ لڳي، مون کين عرض ڪيو: "ڀائٽيا! مون کي سخت اُڃ لڳي رهي آهي." مون اها ڳالهه صرف اڄ جي بي تابيءَ ۽ بيچينيءَ سبب ڪئي هئي، نه ڪي ان ڪري ته مون کي وٽن پاڻي نظر اچي رهيو هو.

نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي سواري تان لهي فرمايو: "چاچا! ڇا واقعي توهان کي اڃ لڳي آهي؟" مون عرض ڪيو: "جي ها!" پوءِ پاڻ سڳورن پنهنجي مبارڪ ڪڙي زمين يا ڪنهن پٿر تي هڻي ڪجھ پڙهيو، ته ان ئي گهڙي اتي پاڻيءَ جو هڪ چشمو جاري ٿي ويو. مون اهڙو شفاف ۽ مٺو پاڻي اڳ ڪڏهن نه ڏٺو هو. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "پيو!" مون ايترو پيتو جو منهنجي اڃ لهي وئي. ان کان پوءِ پاڻ سڳورن ٻيهر ڪڙي مبارڪ هڻي پٿر (يا زمين) کي ائين ئي ڪري ڇڏيو، جيئن اهو پهريان هو.

(سيرت حلبيه، 1 / 170)

سبحان الله! ڪڙي مبارڪ کي زمين تي هڻي ان مان پاڻيءَ جو چشمو جاري ڪرڻ الله پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو عظيم معجزو آهي.

**هن واقعي مان حاصل ٿيندڙ سبق:**

1. **همدردي ۽ پريشان حاليءَ جو احساس:** ٻين جي پريشانيءَ جو خيال رکندي، پنهنجي وس آهر ان کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.
2. **الله وارن جي شان ۽ مرتبت:** الله پاڪ جي فضل سان الله وارن جي بارگاهه مان اهڙا ڪم به ٿي ويندا آهن، جيڪي عام انسانن جي عقل ۽ وس کان ٻاهر هوندا آهن.
3. **غيب مان مدد:** ڪڏهن ڪڏهن مشڪل وقت ۾ الله جي خاص رحمت سان اهڙي مدد ملندي آهي، جنهن جو انسان کي اندازو به ناهي هوندو.
4. **بغير سبب جي قدرت :** الله پاڪ جنهن کي چاهي اهڙي طاقت ڏئي ٿو، جو هو ڪنهن ظاهري وسيلي کان سواءِ به وڏا ڪارناما سرانجام ڏئي سگهي ٿو.
5. **يقين جي پختگي:** معجزا ڏسي ايمان ۽ يقين اڃا به پختو ٿي ويندو آهي ته الله تعاليٰ هر شيءِ تي قادر آهي ۽ نيڪ ٻانها ان جا خاص مقرب هوندا آهن.
6. **مدد ڪرڻ جو سهڻو طريقو:** الله وارا ٻين جي مدد اهڙي خاموشيءَ ۽ شفقت سان ڪندا آهن جو سامهون واري کي شرمندگي به نه ٿئي ۽ ڪم به ٿي وڃي.
7. **يادگار ورثاءُ:** اهڙو اخلاق جيڪو ٻين جي دلين کي خوش ڪري، اهو هميشه ياد رهندو آهي ۽ محبت جو سبب بڻجندو آهي.
8. **فائدي مند بڻجڻ:** سٺي انسان جي اها نشاني آهي ته هو پنهنجي ذات سان ٻين کي فائدو پهچائي.
9. **نعمت جي حفاظت:** پاڻي يا ڪنهن به قابلِ استعمال شيءِ کي ضايع نه ڪرڻ گهرجي ۽ نه ئي بنا ضرورت ان کي ڪليل ڇڏڻ گهرجي.

**دعا ۽ ورد جو اثر :** مشڪلاتن کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ ورد، وظيفن ۽ دعا جو سهارو وٺڻ تمام گهڻو فائديمند هوندو آهي.





# باجماعت نماز جون حڪمتون

(مولانا ابرار اختر القادري)

بلاشڪ باجماعت نماز اسلامي شعار آهي جنهن ۾ ايمان جي حرارت، بندگي جو روح ۽ اُمَّت جي اتحاد جي حقيقت جلوه گر آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسلامَ انسان کي انفرادي عبادت سان گڏوگڏ اجتماعي نظامِ عبادت جو بہ پابند بڻايو آهي، تہ جيئن بندگي صرف ذاتي ڪيفيت نہ رهي بلڪ امت جو اجتماعي شان بڻجي وڃي. قرآنِ ڪريم جماعت جي تلقين ڪندي فرمايو: ﴿وَ ارْكَعُوْا مَعَ الرّٰكِعِيْنَ(43)﴾ ترجمو ڪنز الايمان: ۽ رڪوع ڪندڙن سان گڏ رڪوع ڪريو. (پاره 1، البقره: 43)

اجتماعي عبادت جي اهميت جي ترغيب ڏياريندي حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: صَلَاةُ الْجَمَاعَةِ اَفْضَلُ مِنْ صَلَاةِ الْفَذِّ بِسَبْعٍ وَعِشْرِيْنَ دَرَجَةً يعني ”جماعت سان نماز پڙهڻ اڪيلي پڙهڻ کان 27 درجا وڌيڪ افضل آهي.“ (مسلم، ص256، حديث: 1477)

هن روايت ۾ جڻ تہ ان ڳالھ جي ترغيب ڏياري وئي آهي تہ ٻانهو پنهنجي نماز کي رڳو فرض جي ادائگي نہ سمجهي بلڪ امت جي نظم جي عملي مشق طور ادا ڪري. هتي چوتہ باجماعت نماز جي فضيلت بيان ڪرڻ بجاءِ باجماعت نماز جون حڪمتون بيان ڪرڻ مقصود آهي. تنهنڪري اچو! ان ڳالھ جو جائزو وٺون ٿا تہ باجماعت نماز جي ادائگي جو جيڪو اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي، ان ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون حڪمتون ٿي سگهن ٿيون:

باجماعت نماز جي ادائگي جي حڪمتن جو ذڪر ڪندي مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جماعت ۾ ديني يا دنياوي گهڻيون ئي حڪمتون آهن:

**دنياوي حڪمتون تہ هي آهن تہ:**

جماعت جي برڪت سان قوم ۾ تنظيم رهندي آهي تہ مسلمان پنهنجي هر ڪم لاءِ امام جيان صدر ۽ امير چونديندا ڪن.

پوءِ امير جي اهڙي اطاعت ڪن جهڙي طرح مقتدي (امام جي ڪندو آهي).

امام جي جماعت سان پاڻ ۾ اتفاق وڌندو آهي، روزانو پنج وقت ملاقات جي عادت پوندي آهي جو تہ سڀ ماڻهو جماعت جي وقت ڊوڙي ايندا آهن.

جماعت سان تڪبر ڪندڙن جو غرور ٽٽندو آهي جوتہ هتي بادشاھ ڪي فقير سان

گڏ بيهڻو پوندو آهي.

ديني فائدا هي آهن تہ جيڪڏهن جماعت ۾ هڪ جي نماز قبول ٿي وئي تہ سيني جي قبول آهي. جماعت ۾ ڇڻ مسلمانن جو وفد بارگاهہ الٰهي ۾ حاضر ٿيندو آهي ۽ ظاهر آهي تہ حاڪم وٽ اڪيلي جي مقابلي ۾ وفد جو وڏيڪ احترام هوندو آهي.

جماعت ۾ انسان رب جي ڪچهري ۾ وڪيل يعني امام جي ذريعي عرض ۽ معروض ڪرائيندو آهي، ڳالهہ جو وزن وڌي ويندو آهي.

جماعت سان ماڻهوءَ کي ديني پيشوائن، عالمن ۽ صوفين جو ادب سيکاريو ويندو آهي.

وڏيڪ جمعي ۽ عيد ۾ جماعت جي فرض هجڻ جون حڪمتون بيان ڪندي فرمائن ٿا: پنج وقتي جماعت محلي جي ڪانفرنس آهي ۽ جمعي جي جماعت سڄي شهر يا گهڻي حصي جي. پنج وقتي جماعت (سيني لاءِ هڪ هنڌ) فرض ڪرڻ ۾ مسلمانن تي ڏکيائي ٿي پوي ها تہ جهنگ ۽ بني وغيره مان پڇي شهر اچڻو پوي ها. ان ڪري ان جماعت کي سنت قرار ڏنو ويو ۽ جو تہ جمعو هفتي ۾ هڪ ڀيرو ۽ عيد سال ۾ بہ ڀيرا ايندي آهي، انهن لاءِ اچڻ ايترو ڏکيو نہ هوندو. مقصد اهو آهي تہ مسلمانن جو اجتماع بہ ٿي وڃي ۽ ڪاروبار بہ بند نہ ٿين.

(رسائل نعيميہ، اسرار الاحڪام، ص 288 تا 289)

اعليٰ حضرت جا والد محترم، حضرت علامہ مفتي نقي علي خان باجماعت نماز جون جيڪي حڪمتون بيان ڪيون آهن، انهن جو خلاصو پيش خدمت آهي:

جماعت جي مشروعيت جي هڪ حڪمت اها بہ آهي تہ ڪنهن جي نماز ۾ مثال طور خشوع ۽ ڪنهن جي خضوع ۽ ڪنهن جو ذوق و شوق ۽ ڪنهن جي رعايتِ بندگي ۽ ڪنهن جي هيبت ۽ وقار وڏيڪ آهي. انهن سيني ڪيفيتن جي ملڻ سان جماعت جي نماز هڪ اهڙي اجتماعي ڪيفيت پيدا ڪري ٿي جيڪا انفرادي طور تي ممڪن ناهي هوندي. (ڇڻ تہ مختلف دلين جي روحانيت، خشيت، محبت ۽ بندگي ملي ڪري هڪ مڪمل عبادت جي صورت اختيار ڪري وٺي ٿي.) عالمَ فرمائن ٿا باجماعت نماز ۾ چار فائدا آهن:

(1) نمازين ۾ پاڻ ۾ دوستي ۽ محبت پيدا ٿيندي آهي ۽ هر ماڻهو ٻئي جي حال کان واقف ٿيندو رهندو آهي. (۽ ائين ڀائيچاري جي فضا مضبوط ٿيندي آهي.)

(2) جڏهن انسان ٻين کي عبادت ۾ مصروف ڏسندو آهي تہ ان ۾ بہ عبادت جو لطف ۽ جوش پيدا ٿيندو آهي، ۽ شيطان جا وسوسا ڪمزور پئجي ويندا آهن.

(3) جماعت ۾ اهل ايمان جي دلين جو اثر هڪٻئي تي پوندو آهي ۽ نيڪ ماڻهن جي صحبت گنهگارن لاءِ بہ مغفرت جو ذريعو بڻجي ويندي آهي. جو تہ نيڪ ماڻهن وٽ ويهڻ وارو بہ بدبخت ناهي رهندو.

(4) مسلمانن جو اجتماع برڪت ۽ ديني فائدن جي حاصل ٿيڻ جو سبب آهي: مثال طور جاهل عالمن کان مسئلا سکندا آهن.

۽ بي شوق ماڻهن کي اهل محبت جو شوق ڏسي خدا جي بندگي جو شوق (پيدا ٿيندو آهي) ۽ خائفن (الله کان ڊڄندڙن) جو خضوع ۽ خشوع ڏسڻ سان ٻين جي دل ۾ بہ خوف پيدا ٿيندو آهي.

بي ادب احتياط وارن جو احتياط ڏسي بي احتياطي ۽ بي ادبي کان باز ايندا آهن.
(جواہر البیان فی اسرار الارکان، ص 69)

الغرض چئي سگھجي ٿو تہ باجماعت نماز درحقيقت شريعتِ اسلاميہ جي ان جامع حڪمت جو مظهر آهي جيڪا دنيا ۽ آخرت ٻنهي جي ڀلائين کي جمع ڪري ٿي. جو تہ ان ۾ انسان پنهنجي انانيت (انا) کي مِٽائي جماعت جي صف ۾ ٻين جي برابر بيهندو آهي، جيڪو مساوات، اتحاد ۽ اجتماعي عدل جو عملي سبق آهي. هي ئي اهو مقام آهي جتي اَمير ۽ فقير، عالم ۽ عام، سردار ۽ مزدور سڀ هڪ صف ۾ الله جي سامهون جهڪي پنهنجي تعلق بندگي کي تازو ڪندا آهن. ان اجتماعيت سان فرد کي روحاني اطمينان، باطني سڪون ۽ ديني استقامت حاصل ٿيندي آهي، جڏهن تہ معاشرو اتحاد، نظم و ضبط ۽ پاڻ ۾ همدردي جو نمونو بڻجي ويندو آهي.

تنهنڪري نماز باجماعت نہ صرف ايمان ۽ اخلاص جو مظهر آهي بلڪ اسلامي تهذيب جي تسلسل جي ضامن بہ آهي؛ جيڪا انسان کي الله جي حڪم ۽ ان جي رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت ۽ شريعت جي حڪمتن تي عمل ڪندي دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابين جو مستحق بڻائي ٿي.



# حضرت شُرحبيل بن حَسنہ رضی اللہ عنہما

(مولانا عدنان احمد عطاري مدني)

عظيم جرنيل ۽ مشهور صحابيءِ رسول حضرت شُرحبيل بن حَسَنَہ رضی اللہ عنہما جو پورو نالو شُرحبيل بن عبدُالله آهي، جڏهن تہ صحابيہ بي بي ”حَسنہ“ سندن والده جو نالو هو. (مستدرک، 314/4، حديث: 5251). پاڻ تاريخ اسلام جي انهن عظيم شخصيتن مان هڪ آهن جن پنهنجي ڪردار، بهادري ۽ تقويٰ سان اسلام جي شروعاتي تاريخ تي گهرا نقش ڇڏيا آهن.

## فضائل:

حضرت شُرحبيل رضی اللہ عنہ جو شمار رسولُ الله صلی اللہ علیہ والہ وسلم جي معزز صحابين ۽ ڪاتبين وحي ۾ ٿيندو آهي. (فتوح الشام، 206/1). پاڻ پنهنجي والده، ڀاءُ ۽ ٻن ڀائٽين سان گڏ حبشہ طرف هجرت ڪئي، پوءِ سن 7 هجري ۾ جڏهن حضرت جعفر ۽ ٻيا مهاجر رضی اللہ عنہم حبشہ کان مديني پهتا تہ پاڻ بہ انهن ۾ شامل هئا. (تاريخ ابن عساکر، 467/22، 471). پاڻ رضی اللہ عنہ انهن عظيم سپہ سالارن مان هڪ آهن جن کي پهرئين خليفي حضرت ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ شام جي فتح لاءِ روانو ڪيو (مستدرک، 315/4، حديث: 5256). ملڪِ اردن جا تمام شهر ۽ قلعا فتح ڪرڻ جو اعزاز حضرت شرحبيل رضی اللہ عنہ جي حصي ۾ اچي ٿو. (فتوح البلدان، ص 169)

## زهد، تقويٰ ۽ سادگي:

سندن زندگي زهد ۽ تقويٰ جو بهترين نمونو هئي، سادگي جو عالم هي هو تہ هڪ ڀيري حضرت شِفاء رضی اللہ عنہا سندن گهر تشريف ڪٺي آيون تہ نماز جو وقت ٿي چڪو هو ۽ پاڻ گهر ۾ ئي موجود هئا. هن ڪيس ملامت ڪئي تہ نماز جو وقت آهي ۽ توهان هتي ويٺا آهيو. پاڻ نرمي سان جواب ڏنو: ” پڦي ! مون کي ملامت نہ ڪريو، اسان وٽ بہ ڪپڙا هئا جن مان هڪ ڪپڙو نبي اڪرم صلی اللہ علیہ والہ وسلم اُڌار ورتو آهي.“ حضرت شرحبيل رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا تہ ٻيو ڪپڙو هڪ (پراڻي) قميص هئي جنهن تي چتيون لڳل هيون.

(مستدرک، 77/5، حديث: 6976 ملخصاً)

## فتح دمشق ۽ جنگ يرموڪ ۾ شرڪت:

حضرت شُرحبيل بن حسنه رضی اللہ عنہ هڪ بي مثال ۽ دلير سپہ سالار بہ هئا. فتح دمشق ۾ جڏهن رومي لشڪر

مسلمانن تي حملو ڪيو ته پاڻ وڏي آواز ۾ پڪاريو: ”اي مسلمانو! پنهنجي زندگين جو فڪر نه ڪريو ۽ پنهنجي رب جي جنت جا طلبگار بڻجو، پنهنجي عمل سان پنهنجي خالق کي راضي ڪريو ڇو ته الله توهان مان (جنگ مان) ڀڄڻ کي پسند نٿو ڪري، انهن تي حملو ڪريو، الله توهان تي برڪت نازل فرمائي.“ اهو ٻڌي مسلمانن هڪ سخت حملو ڪيو ۽ شديد جي جنگ شروع ٿي وئي. (فتوح الشام، 66/1 ملخصاً)

15 هجري جنگِ يرموڪ ۾ سندن مقابلو رومي ڪمانڊر سان ٿيو، ٻنهي جي وچ ۾ سخت لڙائي شروع ٿي وئي. مقابلي دوران پاڻ هڪ جنگي چال هلندي پوئتي هٽيا، ڪمانڊر سندن پيڇو ڪيو ته پاڻ اوچتو موٽي نيزي سان حملو ڪيو، پر ڪمانڊر بچي ويو. ٻنهي جي وچ ۾ وري سخت لڙائي ٿي ايستائين جو ٻنهي جون تلوارون ٽٽي پيون. ٻنهي هڪ ٻئي کي ڳلي کان پڪڙي ورتو. ڪمانڊر جسماني طور تي تمام وزني ۽ طاقتور هو جڏهن ته پاڻ سنهڙا هئا. ڪمانڊر کين ايتري زور سان دٻايو جو کين سخت تڪليف ٿي، هو کين قتل ڪرڻ وارو ئي هو ته حضرت ضرار بن اَزور رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پاڻ کي چيو: ”اي ضرار! توتي افسوس آهي، رسولُ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ڪاتب وحي شهيد ٿي وڃي ۽ تون ڏسندو رهين؟“ پوءِ تيزي سان ڊوڙيا ۽ پويان ان رومي ڪمانڊر کي خنجر هڻي هلاڪ ڪري ڇڏيو. (فتوح الشام، 206/1 ملخصاً)

### هڪ معجزاتي مدد:

جنگِ قيساريه جي رومين جو تعداد 80 هزار هو جڏهن ته مسلمان صرف 5 هزار هئا. هن موقعي تي سخت سيارو هو ۽ آسمان تي ڪڪر ڇانيل هئا. حضرت شرحبيل رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ۽ رومي ڪمانڊر قيدمون جي وچ ۾ لڙائي جاري هئي ته اوچتو تمام تيز مينهن شروع ٿي ويو. ۽ پوءِ ٻئي پنهنجن گهوڙن تان لهي پيا ۽ گپ ۾ وڙهڻ لڳا . ان دوران قيدمون مٿن حملو ڪيو ۽ کين ڪٽي پٽي پر زمين تي اڇلايو پوءِ سيني تي چڙهي کين ذبح ڪرڻ چاهيو. ان مهل پاڻ پڪاريائون: يَاغِيَاثَ الْمُسْتَغِيْثِيْن يعني ”اي فرياد ڪندڙن جا مددگار!“

ان وقت رومي لشڪر مان سنهري زره پهريل اعليٰ نسل جي گهوڙي تي سوار هڪ جنگجو نڪتو ۽ سڌو ان طرف آيو. قيدمون سمجهيو ته هو ان

ڪي پنهنجو گهوڙو ڏيڻ ۽ ان جي مدد ڪرڻ آيو آهي. پر شهسوار ويجهو ايندي ئي گهوڙي تان لٿو ۽ قيدمون ڪي لت هڻي ڪيرائي ڇڏيو ۽ انهن کي چيو: ”اي الله جا ٻانها! مدد گهرڻ وارن جي مددگار جي طرفان تو لاءِ مدد اچي وئي آهي.“

پاڻ فوراً اٿي ويٺا ۽ حيرت سان ان شهسوار کي ڏسڻ لڳا، شهسوار جي چهري تي نقاب هو. پوءِ ان پنهنجي تلوار ڪڍي ۽ هڪ ئي وار ۾ قيدمون جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيو. حضرت شرحبيل ان کي فرمايو: الله جو قسم! مون توکان وڌيڪ عجيب معاملو ناهي ڏٺو، تون ته رومين جي لشڪر طرفان آيو هئين. شهسوار چوڻ لڳو: مان اهو بدبخت ۽ ڌڪاريل شخص طُلَيحه بن خُوَيلِد آهيان جنهن رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پوءِ نبوت جي ڪوڙي دعويٰ ڪئي هئي ۽ الله تي ڪوڙ ڳالهايو هو. حضرت شرحبيل فرمايو: اي منهنجا ڀاءُ! الله جي رحمت هر شيءِ کي گهيرو ڪيل آهي ۽ جيڪو شخص توبه ڪري وٺندو آهي ۽ الله جي طرف موٽي ايندو آهي ته الله ان جي توبه قبول فرمائي ڇڏيندو آهي ۽ ان جي گذريل گناهن کي معاف ڪري ڇڏيندو آهي. پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد آهي: توبه گذريل گناهن کي ميٽي ڇڏيندي آهي.

طليحه چيو: مون وٽ ڪو سبب ناهي ته مان اسلام طرف موٽي اچان، پوءِ واپس وڃڻ جو ارادو ڪيو ته پاڻ ان کي روڪي ورتو ۽ فرمايو: مان توکي اڪيلو وڃڻ نه ڏيندس بلڪ تون مون سان گڏ اسلامي لشڪر ۾ هل. طليحه چيو: مون کي ڊپ آهي ته حضرت خالد بن وليد مون کي قتل ڪري ڇڏيندا. پاڻ فرمايائون: حضرت خالد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ لشڪر ۾ ناهن، سپه سالار حضرت عمرو بن عاص رَضِيَ اللهُ عَنْهُ آهن. پوءِ پاڻ طليحه کي پاڻ سان گڏ اسلامي لشڪر ۾ وٺي آيا. امير لشڪر حضرت عمرو بن عاص رَضِيَ اللهُ عَنْهُ طليحه کي ڏسي خوشي مان ٽڙي پيا ۽ ڀليڪار چيو (هن طرح حضرت طليحه دائره اسلام ۾ داخل ٿي ويا ۽ تمام سٺا مسلمان ثابت ٿيا). (فتوح الشام، 22/2، 23- المصباح المضيلابن الحديده، ص 106 تا 107)

## عَمَواس جي طاعون تي ايماني تاثرات:

سنه 18 هجري ۾ جڏهن شام ۾ طاعون جي وبا پکڙجي وئي ته ان وقت جي امير شام ماڻهن کي چيو ته هي هڪ عذاب آهي، تنهنڪري ان کان بچڻ لاءِ جبلن ۽ وادين ۾ پکڙجي وڃو. جڏهن اها ڳالهه حضرت شرحبيل بن حسنه رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا تائين

پهتي تہ پاڻ سخت ناراض ٿيا ۽ فرمايو: خدا جو قسم! مون رسولُ الله ﷺ جي صحبت ماڻي آهي، هي (طاعون) توهان جي رب جي رحمت ۽ توهان کان اڳ جي صالحن جي وفات جو ذريعو آهي.
(مصنف عبد الرزاق، 169/10، حديث: 20333 ملخصاً)

## خلافتِ فاروقي ۽ معزولي:

جڏهن حضرت عمر فاروق رضي الله عنه خليفا بڻيا تہ حضرت شرحبيل کي معزول ڪري ڇڏيو. پاڻ پڇيو: اي امير المومنين! ڇا مون کا خيانت ڪئي آهي يا مان ان ڪم لاءِ نااهل ٿي ويو آهيان؟ فاروق اعظم رضي الله عنه فرمايو: نہ توهان خيانت ڪئي آهي ۽ نہ توهان نااهل آهيو. عرض ڪيو: پوءِ مون کي ڇو معزول ڪيو؟ فرمايو: جڏهن مون کي وڌيڪ باصلاحيت شخص مليو آهي تہ توهان کي قائد بڻائڻ ۾ مون کي تردد ٿي رهيو آهي. عرض ڪيو: اها ڳالهہ ماڻهن جي سامهون بہ بيان ڪري ڇڏيو تہ مون نہ ڪا خيانت ڪئي آهي ۽ نہ مان نااهل آهيان. پوءِ حضرت عمر فاروق ان ڳالهہ کي ماڻهن جي سامهون بيان ڪيو.
(مصنف عبد الرزاق، 314/5، حديث: 9833)

## وفات:

حضرت شرحبيل بن حسنہ رضي الله عنهما سنہ 18 هجري ۾ طاعونِ عَمَواس جي وبا ۾ مبتلا ٿي 67 سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويا. (مستدرڪ، 315/4، حديث: 5254).

پاڻ رضي الله عنه پنهنجي پوري زندگي اسلام جي خدمت، جهاد في سبيل الله ۽ زهد ۽ عبادت ۾ گذاري ۽ ايندڙ نسلن لاءِ هڪ روشن مثال قائم ڪيو.





# بزرگانِ دين جا مبارڪ فرمان

## مولانا ابو شيبان عطاري مدني

### ڳالهين مان خوشبو اچي

**وڏو بهادر**

خواهشن تي ضابطو رکندڙ (قابو ڪندڙ)، اڪيلي سر شهر فتح ڪرڻ واري کان وڏو فاتح آهي. (ارشادِ منصور بن عمار مروزي رحمۃ اللہ علیہ) (الڪواڪب الدُريہ، 1 / 721)

**جڏهن عشق سيکاري ٿو آدابِ خود آگاهي**

محبت جا آداب ماڻهن جي سيکارڻ سان نہ ايندا آهن بلڪ هي تہ الله پاڪ جو خاص عطيو آهي. (ارشادِ معروف بن فيروز ڪرخي رحمۃ اللہ علیہ) (الڪواڪب الدُريہ، 1 / 717)

**هر حال ۾ حقن جو خيال رکو**

پنهنجي ڀاءُ جي مروت تي ڀروسو ڪري ان جي حقن ۾ ڪوتاهي نہ ڪريو.
(ارشادِ امام شافعي رحمۃ اللہ علیہ)
(الڪواڪب الدُريہ، 1 / 705)

### احمد رضا جو تازو آگلستان اڄ بہ

**خير ۽ شر جي جمهوري مخالفت انهن جو اصل نٿي بدلي**

پسنديده شيءِ پسنديده ئي رهندي چاهي ماڻهو ان کي ناپسند ڪن ۽ ناپسنديده شيءِ ناپسنديده ئي رهندي چاهي سڀ ماڻهو ان ۾ مبتلا هجن. (فتاويٰ رضويه، 28 / 55)

**دل جو ضد حق قبولڻ جي واٽ ۾ رڪاوٽ بڻجندي آهي**

دل ۾ جڏهن ڪا ڳالهہ ويهجي ويندي آهي تہ ماڻهو پنهنجي جاري عادت جي خلاف ڪجهہ قبول ئي ناهي ڪندو. جيڪڏهن ڪا ڳالهہ ان جي خلاف پڙهي ٿو تہ نڙي ڪان هيٺ نٿي لهي ۽ ٻڌي ٿو تہ ڪن ڪان اڳتي نٿي وڃي، جڏهن تہ ماڻهن ڪي ان ضد جو حڪم ناهي ڏنو ويو.
(فتاويٰ رضويه، 28 / 57)

**محبت جي تقاضا**

محبت جي تقاضا اتباع ۽ تصديق آهي نہ ڪي جهيڙو ۽ ڪوڙو ڪرڻ .
(فتاويٰ رضويه، 28 / 401)

### عطار جو چمن ڪيڏو پيارو چمن

**قانون کي هٿانهون رکو**

جيڪڏهن واقعي ڪو چور هٿ اچي ويو آهي تڏهن بہ قانون هٿ ۾ کڻڻ بدران ان کي قانون جي حوالي ڪري ڇڏڻ گهرجي.
(مدني مذاڪرو، 6 ربيع الآخر 1442هه)

**وقت هر غم جو مرهم آهي**

غم آهستي آهستي هلڪو ٿي ويندو آهي ۽ ٻانهو نارمل لائف (عام زندگي) ۾ اچي ويندو آهي، ڇو تہ حالات سان صلح ڪرڻي پوندي آهي.
(مدني مذاڪرو، 13 ربيع الآخر 1442هه)

**نيڪ صحبت عبادت جو ذوق پيدا ڪندڙ آهي**

جيڪڏهن ڪو مخلص، نيڪ ۽ عاشقِ رسول ٻانهو ملي وڃي تہ ان جي صحبت ٻنهي جهانن لاءِ سعادت آهي ڇو تہ ان جي صحبت سان عبادت جو شوق پيدا ٿي پوندو.
(مدني مذاڪرو، 6 ربيع الآخر 1442هه



# اسلامي معاشروئي مثالي معاشروآهي

دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ
جو نگران مولانا محمد عمران عطاري

الله ڪريم انسانن کي پيدا فرمايو، هن دنيا ۾ آباد ڪيو، انبياء ۽ مُرسلين کي موڪلي انهن جي ذريعي انسانن کي ايمان بخشيو، زندگي گذارڻ لاءِ قرآنِ پاڪ جي صورت ۾ لازوال ۽ بي مثال دستورِ حيات سان نوازيو. عبادت ۽ رياضت جو مڪمل نظام عطا فرمايو. اسلامي تعليمات کي الله ڪريم اهو حُسن بخشيو آهي تہ جيڪو فرد يا معاشرو انهن کي اپنائي وٺندو آهي اهو فرد ڪامل ۽ اهو معاشرو ضرب المثل بڻجي ويندو آهي. ياد رهي تہ اسلامي تعليمات صرف رڪوع ۽ سجود تي ئي منحصر ناهن بلڪ ستارن کان اڳتي جهان پيا بہ آهن، جي مصداق جيڪڏهن رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ تعليمات ۽ الله پاڪ جي حڪمن کي ڏٺو وڃي تہ ائين لڳندو آهي تہ الله ۽ رسول جي چاهت اها آهي تہ انسان دنيا ۾ رهندي پنهنجو پاڻ کي رڪوع ۽ سجود، روزي ۽ نماز، حج ۽ زڪوات جو پابند بہ بڻائي ۽ گڏوگڏ انهن نيڪين کي بہ پنهنجي زندگي جو اٽوٽ (الڳ نہ ٿي سگهڻ وارو حصو، لازمي جز) بڻائي جيڪي معاشري ۾ امن، سلامتي، اخوت، ڀائپي، رحم دلي، خيرخواهي، خدمت خلق، احساس، رواداري، برداشت، علم، حلم، تحمل، صفائي سترائي، حقن جي پاسداري، مسڪين ۽ يتيم جي مدد، بيمار جو خيال ۽ محتاج جي امداد جهڙن اعليٰ اوصاف کي نہ صرف قائم ڪري بلڪ انهن ۾ ترقي ۽ واڌاري جو ذريعو ۽ سبب بہ بڻجي.

**اسلامي تعليمات جون برڪتون:**

ياد رکو! اسلام معاشري کي مشڪل ۽ ڀوسٽ وارو نٿو بڻائي بلڪ ان جي اعليٰ تعليمات کي جيڪڏهن ڪنهن هڪ گهر ۾ نافذ ڪري ڇڏجي تہ اهو گهر ڪائنات جو قابلِ رشڪ گهر بڻجي وڃي، جيڪڏهن ڪنهن هڪ محلي، ڳوٺ يا ٽائون، شهر الغرض ڪنهن پوري ملڪ ۾ اسلام کي عملي طور تي رائج ڪيو وڃي تہ اها گهٽي، محلو، ٽائون ۽ ملڪ ۽ شهر سموري دنيا جي ماڻهن لاءِ قابلِ رشڪ ۽ قابلِ تقليد بڻجي ويندا. هي صرف دعوا ئي ناهي بلڪ اچو تہ توهان کي ان بي مثال معاشري جي هڪ هلڪي جهلڪ ڏيکاريون ٿا.

الله ڪريم ارشاد فرمائي ٿو:

لَيْسَ الْبِرَّ اَنْ تُوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ قِبَلَ الْمَشْرِقِ وَ الْمَغْرِبِ وَ لٰكِنَّ الْبِرَّ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَ الْمَلٰٓىٕكَةِ وَ الْكِتٰبِ وَ النَّبِیّٖنَ ۚ وَ اٰتَى الْمَالَ عَلٰى حُبِّهٖ ذَوِی الْقُرْبٰى وَ

الْيَتٰمٰى وَ الْمَسٰكِيْنَ وَ ابْنَ السَّبِيْلِ ۙ وَ السَّآىِٕلِيْنَ وَ فِي الرِّقَابِ ۚ وَ اَقَامَ الصَّلٰوةَ وَ اٰتَى الزَّكٰوةَ ۚ وَ الْمُوْفُوْنَ بِعَهْدِهِمْ اِذَا عٰهَدُوْا ۚ وَ الصّٰبِرِيْنَ فِي الْبَاْسَآءِ وَ الضَّرَّآءِ وَ حِيْنَ الْبَاْسِ ؕ اُولٰٓىِٕكَ الَّذِيْنَ صَدَقُوْا ؕ وَ اُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْمُتَّقُوْنَ ﴿۱۷۷﴾

ترجمو ڪنز العرفان: اصل نيڪي اها نہ آهي جو توهان پنهنجو منهن اوڀر يا اولهہ ڏانهن ڪيو بلڪ اصلي نيڪ اهو آهي جيڪو الله ۽ قيامت ۽ ملائڪن ۽ ڪتابن ۽ پيغمبرن تي ايمان آڻي ۽ الله جي محبت ۾ پيارو مال مائٽن ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن ۽ سوالين کي ۽ (غلام ٻانهين جا) ڪنڌ آزاد ڪرائڻ ۾ خرچ ڪري ۽ نماز قائم رکي ۽ زڪوٰة ڏيئي ۽ اهي ماڻهو جيڪي واعدو ڪري پنهنجو واعدو پورو ڪرڻ وارا آهن ۽ مصيبت ۽ سختي ۾ ۽ جهاد جي وقت صبر ڪرڻ وارا آهن اهي ئي ماڻهو سچا آهن ۽ اهي ئي پرهيزگار آهن.(i)

هن هڪ آيت ۾ ايمان کان پوءِ ڇهہ مقام تي مال خرچ ڪرڻ جي ترغيب ڏياري وئي آهي: (1) مائٽن تي خرچ ڪرڻ (2) يتيمن تي خرچ ڪرڻ (3) مسڪينن تي خرچ ڪرڻ (4) مسافرن تي خرچ ڪرڻ (5) سوالين کي ڏيڻ (6) گردنون ڇڏائڻ ۾ خرچ ڪرڻ. يعني غلام آزاد ڪرائڻ ۾ خرچ ڪرڻ. مسلمانن جي جنهن خطي ۾ عملي طور تي هن آيت جو نفاذ تي وڃي غور ڪريو اهو معاشرو امن ۽ سلامتي ۽ پاڪيزگي جو ڪيڏو نہ شاندار عملي نمونو بڻجي ويندو.

**اسلام توتان قربان:**

هن جهڙين ڪيترين ئي آيتن سڳورين ۽ بي شمار حديثن تي غور ڪيو وڃي تہ هڪ ڳالهہ تمام واضح ٿي سامهون اچي ٿي تہ ڪجهہ عمل اهڙا آهن جن ۾ بظاهر نہ تہ رڪوع ۽ سجود آهي ۽ نہ ئي تسبيح ۽ تهليل ۽ نہ ئي ڪو اهڙو عمل آهي جنهن کي عبادتِ الٰهي قرار ڏئي سگهجي پر ان ڪم ۾ الله پاڪ جي رضا بہ آهي ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خوشنودي بہ. آخر ڇو؟

**هيءَ نيڪي ان ڪري آهي جو:**

دراصل ڪيترائي عمل اهڙا آهن جيڪي معاشري کي سڌارڻ، ان ۾ اَمن ۽ سلامتي آڻڻ ۽ خيرخواهي ۽ همدردي پيدا ڪرڻ ۾ معاون ۽ مددگار آهن. جن جي ڪرڻ سان الله پاڪ جي مخلوق جو پلو ڳرو ٿيندو آهي، مخلوقِ خدا کي راحت پهچندي آهي، انهن کي آرام ملندو آهي، انهن جي داد رسي ٿيندي آهي، ايئن معاشري ۾ سڪون قائم ٿيندو آهي ۽ ماڻهن کي قلبي قرار نصيب ٿيندو آهي ۽ جن ڪمن ۾ هن طرح جا اوصاف موجود هجن اهي الله ڪريم کي پيارا لڳندا آهن. ان ڪري تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَلْخَلْقُ عِيَالُ اللهِ، فَاَحَبُّ النَّاسِ اِلَى اللهِ مَنْ اَحْسَنَ اِلٰى عِيَالِه يعني مخلوق الله ڪريم

جي عيال (ڪنبو) آهي، پوءِ ماڻهن ۾ الله ڪريم کي سڀ کان پيارو اهو ماڻهو آهي جيڪو ان جي عيال سان سٺو ورتاءُ ڪري.[(ii)]

چو تہ الله ڪريم سڀني جو رازق آهي، مخلوق ان جي مرزوق آهي، تنهنڪري ان جي عيال آهي يعني پرورده (پاليل). توهان ان ماڻهوءَ کان گهڻو خوش ٿيندا آهيو جيڪو توهان جي غلامن، ٻانهين، ٻار ٻچي سان سٺو سلوڪ ڪري چو تہ اهي توهان جا پاليل آهن، ائين ئي جيڪو ڪو الله پاڪ جي مخلوق سان ڀلائي ڪري الله ڪريم ان کان خوش ٿيندو آهي.[(iii)]

**اهو سڀ کان بهترين آهي:**

اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: خَيْرُ النَّاسِ اَنْفَعُهُمْ لِلنَّاسِ يعني ماڻهن مان سڀ کان بهتر اهو آهي جيڪو ٻين کي سڀ کان وڌيڪ فائدو پهچائي.[(iv)]

هيءَ حديثِ پاڪ عام آهي چاهي مسلمان ڪنهن کي ديني فائدو پهچائي جيئن ڪنهن کي ڪلمو پڙهائي دامنِ اسلام سان وابستہ ڪرڻ، ڪنهن کي شرعي مسئلا سيکارڻ، ڪنهن کي قرآنِ ڪريم پڙهڻ سيکارڻ، ڪنهن تي انفرادي ڪوشش ڪري ان کي گناهن کان توبہ ڪرائي ڇڏڻ وغيره يا دنياوي فائدو پهچائي، ان ۾ بہ ايڏي وسعت آهي جو ڪنهن هڪ فرد کي فائدو پهچائي جيئن رستو ڀلجي ويل کي رستو ٻڌايو، روڊ تي پيل ڪنهن زخمي کي اسپتال پهچايو، مظلوم جي مدد ڪئي، ڪنهن پوڙهي ماڻهو کي سهارو ڏئي ان کي منزل تائين پهچائي ڇڏيو، نابين کي روڊ پار ڪرائي ڇڏيو، ضرورت مند جي حاجت پوري ڪئي، پنهنجو هنر ٻئي کي سيکاري فائدو پهچايو، جائز ڪم ۾ ڪنهن جي سفارش ڪئي، پريشان مسلمان جي پريشاني دور ڪئي يا اجتماعي طور تي معاشري کي فائدو پهچائي جيئن ڳوٺ يا شهر ۾ پاڻي جو انتظام ڪرڻ، پاڻي جي سبيل لڳائڻ، رات جي وقت گهٽي ۾ بلب ٻارڻ تہ جيئن واٽ ويندڙن کي آساني ٿئي، غريبن لاءِ ماني جو انتظام ڪرڻ، رستي تان تڪليف ڏيندڙ شيون ڪوڪا، پٿر، هڏن وغيره کي هٽائي ڇڏڻ اهي ڪم آهن جن سان ڪيترن ئي مسلمانن کي فائدو پهچندو آهي.

معاشري کي مثالي معاشرو بڻائڻ وارا چند عمل ۽ انهن جو اجر ۽ ثواب ملاحظہ ڪريو ۽ انهن کي اپنائڻ جو پڪو ارادو ڪري ٻين کي ترغيب ڏيو:

**(1) رستي تان تڪليف ڏيندڙ شيءِ پري ڪرڻ:**

حديث شريف ۾ آهي هڪ ماڻهو جنهن ڪڏهن ڪو نيڪ عمل نہ ڪيو هو، رستي تان ڪنڊن واري ٽاري کي هٽائي ڇڏيو، الله پاڪ کي ان جو اهو عمل پسند آيو ۽ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏي.[(v)]

الله اڪبر! ذري جيتري عمل تي ايڏو وڏو فضل! ڇا لاءِ؟ ان لاءِ تہ ان ڪم سان معاشرو سڌرندو آهي، مخلوقِ خدا کي آرام ۽ سڪون ملندو آهي، ان ڪري ان عمل ڪرڻ واري کي بخشيو ويو.

### (2) قرض ڏيڻ:

رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هر قرض صدقو آهي.[vi] بلڪ هڪ روايت ۾ تہ قرض ڏيڻ جو ثواب صدقي ڪرڻ کان بہ وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي جيئن تہ حديثِ پاڪ ۾ آهي: رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مون شبِ معراج جنت جي دروازي تي لکيل ڏٺو تہ صدقي جو ثواب ڏھ ڀيرا ۽ قرض ڏيڻ جو ثواب ارڙهن ڀيرا (وڌيڪ) آهي. مون جبرائيل کان ان باري ۾ پڇيو تہ صدقي کان قرض جي افضل هجڻ جو ڪهڙو سبب آهي؟ تہ ان ٻڌايو تہ (صدقو تہ) اهو بہ گهري وٺندو آهي جيڪو محتاج نہ هجي پر قرض گهرڻ وارو حاجت ۽ ضرورت کانسواءِ قرض نہ گهرندو آهي.[vii]

### (3) اقالي ڪرڻ جو ثواب:

هڪ ماڻهو ڪنهن کان ڪجھ خريد ڪيو، هاڻي ان کي احساس ٿيو تہ مون کي ان جي ضرورت ناهي يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري هو چاهي ٿو تہ مان مال واپس ڪري ڇڏيان ۽ منهنجي رقم مون کي ملي وڃي، جنهن کان مال خريد ڪيو آهي اهو ان جي ڳالھ مڃي سودو (بيع) ختم ڪري ڇڏي، رقم واپس ڪري وٺي، ان تي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيڏي پياري خوشخبري عطا فرمائي آهي، حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن پنهنجي ڀاءُ سان اقالو ڪيو (يعني ان جيڪا شيءِ خريد ڪئي هئي واپس ڪرڻ تي ان کان وٺي ڇڏي) تہ الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان جي پريشاني دور فرمائيندو.[viii] هڪ ٻي روايت ۾ آهي: رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جنهن ڪنهن مسلمان سان اقالو ڪيو قيامت جي ڏينهن الله ڪريم ان جون لغزشون (غلطيون) معاف فرمائي ڇڏيندو.[ix]

معاشري جي فلاح و بهبود ۽ ڪاميابي و ڪامراني بابت تعليماتِ اسلام جي اڻ ڪٿ سمنڊ مان هي چند موتي آهن جن مان چڱي ريت ظاهر ٿئي ٿو تہ اسلام جو پيغام سراپا رحمت، خير ۽ انسانيت نوازي جو پيغام آهي. هي دين الله ڪريم جي بندگي سان گڏوگڏ ٻانهن جي خدمت کي بہ عبادت جو درجو عطا ڪري ٿو. مسلمان جو هر قول ۽ فعل ان وقت حقيقي معنيٰ ۾ قابلِ قبول بڻجندو آهي جڏهن ان جي دل ۾ خالق جي محبت ۽ مخلوق جي خيرخواهي جمع ٿي ويندي آهي.

اڄ امت مسلمہ کي جن فڪري ۽ عملي بحرانن جو منهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي، انهن جو حقيقي علاج اهو ئي آهي تہ اسان وري دين طرف موٽي اچون ۽ قرآن ۽ سنت جي نظامِ حيات کي اپنائي وٺون. عبادت

سان گڏ خدمت، ذڪر سان گڏ فڪر، ۽ ايمان سان گڏ عملِ صالح کي لازم پڪڙيون. جڏهن ايماندار پاڻهنا پنهنجي ڪردار سان اَمن، محبت، عدل ۽ اخوت جا علمبردار بڻجندا تہ يقيناً زمين تي اها ئي سڪون ۽ رحمت جي فضا قائم ٿيندي جيڪا مدينہ طيبہ جي اولين معاشري ۾ ڏٺي وئي.

اچو! اسان عهد ڪريون تہ پنهنجي زندگي کي الله ۽ رسول صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعليمات جو آئينو بڻائيندا سين، پنهنجي قول ۽ عمل سان مخلوقِ خدا لاءِ آساني پيدا ڪندا سين ۽ اسلام جي خوبصورت تعليمات کي پنهنجي ڪردار سان دنيا جي آڏو زنده مثال بڻائي ڇڏيندا سين.

الله ڪريم اسان کي سچائي، نرمي، خيرخواهي ۽ خدمت خلق جي دولت سان مالا مال فرمائي. آمين

---

(i)پ2، البقرة :177
(ii)معجم اوسط،153/4، حديث: 5541
(iii)مراٰة المناجيح،582/6
(iv)مسند الشهاب، 223/2،حديث:1234
(v)ديکهيے: ابوداؤد،462/4، حديث: 5245
(vi)معجم اوسط، 345/2،حديث: 3498
(vii)ابن ماجہ،154/3،حديث:2431
(viii)مجمع الزوائد،199/4،حديث:6538
(ix)ابن ماجہ،36/3، حديث:2199



# مدني مذاڪري جا سوال جواب

### (1) پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جاڳندي حالت ۾ الله پاڪ کي ڏٺو

سوال: ڇا اسان جي پياري نبي حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شب معراج ۾ الله پاڪ کي ڏٺو هو؟

جواب: بيشڪ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم معراج جي رات الله پاڪ کي جاڳندي حالت ۾ ڏٺو آهي، هي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خاصو (يعني خصوصيت) آهي. (ڏسو: بهار شريعت، 67/1، 68). پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان علاوه ڪنهن بہ ناهي ڏٺو ۽ قيامت تائين ڪو بہ نہ ڏسي سگهندو. ها! جنت ۾ جنتين کي الله پاڪ جو ديدار ٿيندو. (ڏسو: بهار شريعت، 162/1). اسان بہ جنت ۾ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پويان پويان الله پاڪ جو ديدار ڪنداسين، اِن شآءَ اللّٰهُ الڪريم!
(مدني مذاڪرو، 27 رجب شريف 1444هه)

تَبَارَكَ الله شان تیری تجھی کو زیبا ہے بے نیازی
کہیں تو وہ جوشِ لَنْ تَرَانِي کہیں تقاضے وِصال کے تھے
(حدائق بخشش، ص 234)

### (2) دجال کان حفاظت جو نسخو

سوال: ٻڌو آهي تہ "جنهن وقت دجال ايندو ان وقت جنهن کي سورت ڪهف جي آخري آيت ياد هوندي اهو ئي بچي سگهندو." ان ۾ ڪيتري حد تائين حقيقت آهي؟

جواب: صحيح مسلم شريف ۾ آهي: حضرت سيدُنا ابو درداء رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو سورت ڪهف جون پهريون 10 آيتون ياد ڪندو، دجال کان محفوظ رهندو. (مسلم، ص 315، حديث: 1883). هڪ روايت ۾ آهي: جيڪو سورت ڪهف جون آخري 10 آيتون ياد ڪندو اهو دجال کان محفوظ رهندو. (مسلم، ص 315، حديث: 1884 - مدني مذاڪرو، 24 محرم الحرام 1442هه)

### (3) نماز ۾ اڳيان يا پويان کان ڪپڙو ڪٽڻ ڪيئن آهي؟

سوال: ڪجھ ماڻهن کي ڏٺو ويو آهي تہ اهي نماز دوران رڪوع يا سجدي مان اٿندي قميص کي پويان کان هٽائيندا ۽ درست ڪندا آهن. ان باري ۾ شرعي حڪم ڇا آهي؟

جواب: بهار شريعت ۾ نماز دوران ڪپڙو اڳيان يا پويان کان ڪٽڻ مڪروه تحريمي لکيو آهي. (ڏسو: بهار شريعت، 624/1). البتہ جيڪڏهن ڪو سبب هجي جيئن ڪجھ ڪپڙا اهڙا هوندا آهن جيڪي چنبڙي پوندا آهن تہ ضرورت تحت ڪپڙو ڇڏائڻ ۾ حرج ناهي. (مختصر فتاويٰ اهلسنت قسط 1، ص 43). ڪجھ ماڻهو التحيات يا ٻن سجدن جي وچ ۾ ويهڻ وقت بہ قميص جي هڪ ڪنڊ هٽ سان ٺيڪ ڪندا آهن، حالانڪ ان جي ضرورت ناهي هوندي. نماز ۾ اهڙيون غير ضروري حرڪتون نہ ڪيون وڃن. جيڪڏهن اهڙين حرڪتن جي عادت آهي تہ

اها هڪ پيرو ٻڌڻ سان نہ ويندي، بلڪ ان تي سيريئس (Serious) يعني سنجيده) ٿيڻو پوندو ۽ ڪنهن اسلامي ڀاءُ جي ڊيوٽي لڳائڻي پوندي تہ ”ڪڏهن نماز ۾ منهنجي ڪا اهڙي حرڪت ڏسو تہ مون کي ٻڌائجو“. ايئن ڪرڻ سان اِن شآءَ اللهُ الڪريم عادت ختم ٿي ويندي.

(مدني مذاڪرو، 24 محرم الحرام 1442ھ)

### (4) تلاوت دوران اسمِ محمد تي درود شريف پڙهڻ ۽ آڱوٺا چمڻ ڪيئن آهي؟

سوال: تلاوت ٻڌڻ دوران جيڪڏهن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نالو مبارڪ اچي وڃي تہ ڇا درود پاڪ پڙهڻو پوندو؟

جواب: قرآني آيت ۾ جڏهن اسمِ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اچي تہ ان وقت نہ آڱوٺا چمي ۽ نہ ئي درود پاڪ پڙهي، ڇو تہ جيڪو قرآن ڪريم ٻڌڻ لاءِ حاضر ٿيو هجي ان لاءِ قرآن ڪريم ٻڌڻ فرض آهي. (ڏسو: فتاويٰ رضويه 316/22 ، مدني مذاڪرو، 2 صفر المظفر 1442ھ)

### (5) امير ۽ غريب کي الڳ الڳ ريٽ ٻڌائڻ ڪيئن آهي؟

سوال: ڇا دڪاندار جو امير ۽ غريب گراهڪ (Customer) کي شيءِ جو الڳ الڳ ريٽ ٻڌائڻ صحيح آهي؟

جواب: الڳ الڳ ريٽ ٻڌائڻ ۾ حرج ناهي. البت دوکو نہ ڏنو وڃي (۽ ڪوڙ نہ ڳالهايو وڃي). (مدني مذاڪرو، 2 صفر المظفر 1442ھ)

### (6) اولاد مرد جي نصيب مان ۽ رزق عورت جي نصيب مان!!

سوال: ڇا اها ڳالهہ سچ آهي تہ ”اولاد مرد جي نصيب مان ٿيندو آهي ۽ رزق عورت جي نصيب مان ملندو آهي؟“

جواب: الله پاڪ بهتر ڄاڻي ٿو. هر شخص جو پنهنجو پنهنجو نصيب هوندو آهي. الله پاڪ جنهن کي پيدا فرمايو آهي ان کي رزق ڏيڻ پنهنجي ذمي تي ڪنيو آهي. جيڪڏهن اسان نصيبن جي ورهاست ڪنداسين تہ ٻي اولاد شخص جو ڇا ٿيندو! ايئن ئي جيڪو ڪنوارو آهي يا جنهن جي گهرواري مري وئي آهي ان ويچاري جي رزق جو ڇا ٿيندو! هن طرح تہ معاملو لٽڪي ويندو، ان ڪري ياد رکو تہ هر شخص کي پنهنجي نصيب جو ملندو آهي. الله پاڪ ئي ماڪوڙي کي ”ڪڻ“ (يعني ذرو) ۽ هاٿي کي ”مڻ“ عطا فرمائيندو آهي.

(مدني مذاڪرو، 2 صفر المظفر 1442ھ)

### (7) شادي ڪارڊ تي الله رسول جو نالو

سوال: اڪثر ماڻهو شادي ڪارڊ تي الله پاڪ ۽ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نالو لکندا آهن، پر جن جي گهرن ۾ ڪارڊ ويندو آهي اهي ان جو ادب ناهن ڪندا، ان باري ۾ رهنمائي فرمايو.

جواب: مختلف ڪتابن، اخبارن ۽ خطن وغيره ۾ عموماً الله پاڪ ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نالو لکيل هوندو آهي. هر مسلمان ڄاڻي ٿو تہ انهن مبارڪ نالن جو ادب ڪيئن ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو شادي ڪارڊ تي الله پاڪ ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نالو مبارڪ لکي ٿو ۽ جن

جي گهر اهو ڪارڊ ويندو آهي، اهي ان جو ادب نٿا ڪن ته ان ۾ لکڻ وارو گناهگار ناهي.

(ڏسو: مدني مذاڪرو، 30 صفر المظفر 1442ھ)

### (8) شيطان جي مرڻ جي دعا ڪرڻ ڪيئن آهي؟

سوال: ڇا شيطان جي مرڻ جي دعا ڪري سگهون ٿا؟

جواب: شيطان ڪي موت ته ايندو پر اسان جي دعا ۽ بددعا سان ان جو مرڻ ممڪن ناهي. قرآن پاڪ ۾ آهي: ﴿قَالَ رَبِّ فَاَنْظِرْنِیْۤ اِلٰى یَوْمِ یُبْعَثُوْنَ(۳۶)﴾ ترجموڪنزالايمان: چيائين منهنجا رب! پوءِ مون ڪي مهلت ڏي تن جي اٿاريو وڃڻ جي ڏينهن تائين. (پاره 14، الحجر: 36). ان ڪي قيامت تائين جي لاءِ مهلت آهي. جنهن وقت صور ڦوڪيو ويندو هي ملعون ان وقت مرندو. عام جنن ڪي به شيطان چيو ويندو آهي ۽ اهي مرندا رهندا آهن.

(مدني مذاڪرو، پهرين ذوالحجته الحرام 1441ھ)



# اسلام جو نظامِ مواخات

(مولانا فرمان علي عطاري مدني)

دين اسلام سٺي زندگي گذارڻ جا اهڙا قيمتي اصول ۽ طريقا ٻڌايا آهن جن تي عمل ڪرڻ سان هڪ مسلمان نه صرف اسلامي احڪامات جو پابند ٿي اُخروي زندگي ۾ سرخرو ٿيندو آهي بلڪ هو دنياوي زندگي ۾ انهن تعليمات تي عمل پيرا ٿي ڪري معاشري جي هڪ عزت دار ۽ بااخلاق فرد جي حيثيت سان نمايان به ٿيندو آهي. دين اسلام مسلمانن جي پاڻ ۾ تعلقات کي سهڻي نموني ۽ خوبي سان قائم رکڻ لاءِ اخوت، ڀائپي ۽ محبت کي عام ڪرڻ جي تعليم ڏني آهي. هن مضمون ۾ اسان ڄاڻنداسين ته اخوت ڇا آهي، هي ڇو ضروري آهي ۽ معاشري تي ان جا ڪهڙا نتيجا اثرانداز ٿيندا آهن.

اخوت ڇا آهي؟ عربي ۾ "اُخُوَّة" جي معنیٰ آهي ڀاءُ هجڻ، برادرانه تعلق، ڀائپي وغيره. لفظِ اخوت ڀن يا وڏيڪ ماڻهن جي وچ ۾ محبت، اعتماد، خيرخواهي ۽ قربت تي ٻڌل هوندو آهي. اخوت ٻن قسمن جي هوندي آهي هڪ نسبي ۽ ٻي ديني ۽ اسلامي. نسبي اخوت اها آهي ته قرابت ۽ مائٽي جي ڪري ڪجهه ماڻهو پاڻ ۾ ڀائر ڀائر ٻڻبا آهن جڏهن ته ديني اخوت مان مراد اها آهي ته اسلام جي بنياد تي هڪ مسلمان جو ٻئي مسلمان سان رشتو قائم ٿئي. هي اهڙو خوبصورت رشتو آهي جنهن ۾ انسان رنگ ۽ نسل، قوميت ۽ لسانيت جي بدران صرف ايمان ۽ اسلام جي بنياد تي هڪ ٻئي جا ڀائر ٿيندا آهن.

حضرت امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اخوت ۽ محبت بابت فرمائن ٿا:

ڀائپي ٻن ماڻهن جي وچ ۾ هڪ رابطو هوندو آهي جيئن نڪاح زال مڙس جي وچ ۾ هڪ رابطي جو نالو آهي ۽ جهڙي طرح عقد نڪاح ڪجهه حقن جو تقاضو ڪندو آهي جن کي پورو ڪرڻ حقِ نڪاح قائم رکڻ لاءِ ضروري آهي، عقدِ اخوت جو به اهو ئي حال آهي. تنهنجي اسلامي ڀاءُ جو تنهنجي مال ۽ تنهنجي ذات ۾ حق آهي اهڙي طرح زبان ۽ دل ۾ به ته تون ان کي معاف ڪر، ان لاءِ دعا ڪر، اخلاص ۽ وفا سان پيش اچ، ان تي آساني ڪر ۽ تڪليف ۽ تڪلُّف کي ڇڏي ڏي.(i)

**قرآن پاڪ ۾ مواخات جو تصور:**

دين اسلام ۾ اخوت ۽ ڀائپي کي خاص اهميت حاصل آهي، قرآن ۽ حديث ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي اسلامي اخوت ۽

ڀائپي قائم ڪرڻ ۽ اختلاف ختم ڪري پاڻ ۾ اتفاق ۽ اتحاد سان رهڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، جيئن ارشاد ٿئي ٿو:

﴿وَ اعْتَصِمُوْا بِحَبْلِ اللّٰهِ جَمِیْعًا وَّ لَا تَفَرَّقُوْا﴾ ترجموڪنز الايمان: ۽ الله جي رسي کي مضبوط ٿي وٺو سمورا گڏجي ۽ پاڻ ۾ ڦوٽ نه وجهو. (فرقن ۾ نه ورهائجي وڃو) (ii) ۽ فرمايو: ﴿اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ اِخْوَةٌ﴾ ترجموڪنزالايمان: مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن. (iii)

ارشاد فرمايو: مسلمان ته پاڻ ۾ ڀائر ئي آهن جو ته اهي پاڻ ۾ ديني تعلق ۽ اسلامي محبت سان ڳنڍيل آهن ۽ هي رشتو تمام دنياوي رشتن کان وڌيڪ مضبوط آهي. (iv)

**حديث پاڪ ۾ مواخات:**

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسلامي ڀائپي جي اهميت ۽ افاديت بيان ڪندي ارشاد فرمايو ته هڪ مسلمان ٻئي مسلمان لاءِ عمارت وانگر آهي جنهن جو هڪ حصو ٻئي حصي کي مضبوط ڪندو آهي. (v)

وڌيڪ هڪ روايت ۾ رشته اخوت جا حق بيان ڪندي فرمايو ته مسلمان، مسلمان جو ڀاءُ آهي هو ان تي ظلم ڪندو آهي نه ان کي رسوا ڪندو آهي، جيڪو شخص پنهنجي ڀاءُ جي ضرورت پوري ڪرڻ ۾ مشغول رهندو آهي الله پاڪ ان جي ضرورت پوري ڪندو آهي ۽ جيڪو شخص ڪنهن مسلمان تان مصيبت کي دور ڪندو آهي ته الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان جي مصيبتن مان ڪا مصيبت دور فرمائيندو ۽ جيڪو شخص ڪنهن مسلمان جو پردو رکندو آهي قيامت جي ڏينهن الله پاڪ ان جو پردو رکندو. (vi)

**صحابہ سڳورن جي وچ ۾ ٻہ ڀيرا ڀائپي جو قيام:**

اهلِ سيرت ۽ مغازي ذڪر ڪن ٿا ته صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جي وچ ۾ ٻہ ڀيرا مواخات (يعني ڀائپي) قائم ٿي. پهريون ڀيرو خاص طور تي مهاجرن جي وچ ۾ هجرت کان پهريان ٿي، هي هڪ ٻئي جي مدد ۽ دين جا حق قائم ڪرڻ تي هئي. ۽ ٻيو ڀيرو جڏهن پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هجرت فرمائي مدينہ منوره تشريف فرما ٿيا ته پاڻ مهاجرن ۽ انصارن جي وچ ۾ ڀائپي قائم فرمائي. (vii)

**مهاجرن ۽ انصارن جي وچ ۾ مواخات:**

مهاجر پنهنجي وطن ۽ اهل و عيال کي ڇڏي بي سروساماني جي حالت ۾ نڪتا هئا ان ڪري نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مهاجرن ۽ انصارن جي وچ ۾ اخوت جو رشتو قائم ڪيو ته جيئن مهاجر غربت ۽ اهل و عيال جي جدائي کي محسوس نه ڪن ۽ هڪ ٻئي کان مدد حاصل ڪري سگهن. مهاجرن جو تعداد پنجيتاليھ يا پنجاھ هو رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻنهي ڌرين مان ٻہ ٻہ ماڻهو گهرائي فرمايو ته هي ۽ تون ڀائر ڀائر آهيو. سندن اهو فرمائڻ هو ته اهي ڀائر ٻڻجي ويا.

نبي ڪريم ﷺ حضرت عبدالرحمٰن بن عوف قرشي زهري ۽ حضرت سعد بن ربيع انصاري خزرجي ۾ اخوت جو رشتو قائم ڪيو ته حضرت سعد حضرت عبدالرحمٰن کي چيو ته انصارن ۾ مون وٽ سڀ کان وڌيڪ مال آهي. مان پنهنجو مال توهان کي ورهائي ڏيان ٿو. منهنجون ٻه گهرواريون آهن، انهن مان هڪ کي جيڪا توهان پسند ڪريو مان طلاق ڏئي ڇڏيان ٿو، عدت گذرڻ بعد توهان ان سان نڪاح ڪري وٺجو. حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رضي الله عنه چيو ته توهان جا گهرياتي ۽ مال توهان کي مبارڪ هجن، مون کي بازار جو رستو ڏيکاريو، پاڻ روزانو بازار ۾ تجارت ڪندا رهيا ايستائين جو ڪجھ ئي عرصي ۾ مالدار ٿي ويا. (viii)

يقيناً! مواخات (ڀائپي) اسلامي تاريخ جو هڪ عظيم واقعو آهي جيڪو نبي ڪريم ﷺ مدينہ منوره ۾ مهاجرن ۽ انصارن جي وچ ۾ قائم ڪيو. ان جو مقصد صرف وقتي ضرورت کي پورو ڪرڻ نہ هو بلڪ هڪ پائيدار اسلامي معاشري جو بنياد رکڻ هو. اچو! هر نقطي جي تفصيل سان وضاحت ڪريون ٿا:

**مواخات جا مقصد:**

اسلام هڪ اهڙو دين آهي جيڪو انسانيت، مساوات، ڀائپي ۽ پاڻ ۾ همدردي جو درس ڏئي ٿو. اسلام جي شروعاتي دور ۾ جڏهن هجرت ڪري نبي ڪريم ﷺ مدينہ شريف تشريف فرما ٿيا ته مسلمانن جو هڪ وڏو تعداد بي گهر، بي مال ۽ بي سروسامان ٿي ويو هو. ان جي بحالي لاءِ نبي ڪريم ﷺ هڪ بهترين نظام مواخات جو بنياد رکيو جنهن مان اسلامي، سماجي، اخلاقي ۽ معاشي فائدا ۽ ثمر حاصل ٿيا. مواخات جي نظام مان نہ صرف مهاجرن جي وقتي مدد ٿي بلڪ هڪ معاشرتي انقلاب بہ پيدا ٿيو.

**معاشرتي اتفاق پيدا ڪرڻ:** مواخات جو سڀ کان پهريون مقصد معاشرتي اتفاق قائم ڪرڻ هو. جو تہ مهاجر مڪي مان آيا هئا ۽ انصار مديني ۾ رهندا هئا تہ نبي ڪريم ﷺ انهن جي وچ ۾ دوري کي ختم ڪري انهن کي هڪ ٻئي جو ڀاءُ ٻڻائي ڇڏيو. هي مواخات هڪ رسمي ڀائپي نہ هئي بلڪ اهي سڀ عملي زندگي ۾ بہ هڪ ٻئي جي خوشي غمي، ڏک سک ۾ شريڪ ٿيڻ لڳا هئا ۽ هن نظام سان معاشري ۾ نسلي، لساني ۽ قبائلي امتيازات جو خاتمو ٿيو ۽ اسلامي معاشري ۾ اتفاق ۽ اتحاد جي فضا قائم ٿي.

**محتاجن جي مدد ۽ مساوات قائم ڪرڻ:** مواخات جو ٻيو اهم مقصد معاشي مساوات قائم ڪرڻ هو. مهاجر پنهنجا سمورا اثاثا مڪي ۾ ڇڏي آيا هئا. اهي بي سهارا ۽ بي

مال هئا. نبي ڪريم ﷺ انصار کي انهن جو ڀاءُ مقرر ڪري ڪين حڪم ڏنو تہ اهي پنهنجي مال ۽ دولت ۾ مهاجرن کي شريڪ ڪن. انصار هن حڪم تي دل ۽ جان سان عمل ڪيو. ڪن تہ پنهنجا اڌ باغ، گهر تائين پيش ڪري ڇڏيا تہ جيئن مهاجرن جون ضرورتون پوريون ٿين. هن عمل سان نہ صرف غربت جو خاتمو ٿيو بلڪ هڪ مثالي مساوات تي مبني معاشرو قائم ٿيو.

**محبت ۽ ڀائپي جو فروغ:** جڏهن ڪو شخص ڪنهن کي پنهنجو ڀاءُ سمجهندو آهي تہ ان سان حسد، نفرت، بغض ۽ عداوت ۽ خود غرضي جهڙيون برائيون ناهي رکندو. نبي ڪريم ﷺ جي نظامِ مواخات قائم ڪرڻ بعد انصار ڪنهن قسم جو احسان جتائڻ ڪانسواءِ، خلوصِ دل سان مهاجرن جي مدد ڪئي، جنهن سان انهن جي دلين ۾ هڪ ٻئي لاءِ قربت ۽ محبت پيدا ٿي. اها محبت، اخوت ۽ ڀائپي وقتي نہ هئي بلڪ نسلن تائين قائم رهڻ وارو بنياد بڻجي وئي.

مواخات هڪ اهڙو عظيم عمل هو جنهن اسلامي معاشري جو بنياد عدل، مساوات، محبت ۽ ڀائپي تي رکيو. ان جي ذريعي اسان کي اهو سبق ملي ٿو تہ جيستائين اسان هڪ ٻئي جي ڏک درد ۾ شريڪ نہ ٿينداسين، ان وقت تائين هڪ مضبوط ۽ متحد امت نٿا بڻجي سگهون.

اڄ بہ جيڪڏهن اسان مواخات جي ان عظيم جذبي کي اپنايون تہ اسان جي معاشري مان غربت، نفرت ۽ تفريق جو خاتمو ٿي سگهي ٿو ۽ اسان هڪ مثالي اسلامي رياست طرف قدم وڌائي سگهون ٿا.

اسلام اسان کي عبادت سان گڏوگڏ هڪ مثالي معاشرو قائم ڪرڻ جو بہ درس ڏئي ٿو. اسلامي ڀائپي هڪ اهڙي نعمت آهي جيڪا انفرادي ۽ اجتماعي ٻنهي سطحن تي خوشگوار اثر مرتب ڪري ٿي. اچو! اسلامي ڀائپي جا ڪجھ فائدا ملاحظ ڪريو:

**محبت پيدا ٿئي ٿي:** اسلامي ڀائپي سان مسلمانن جي دلين ۾ هڪ ٻئي لاءِ محبت پيدا ٿيندي آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ توهان ان وقت تائين مؤمن نٿا ٿي سگهو جيستائين هڪ ٻئي سان محبت نہ ڪريو. (ix)

**معاشرتي اتحاد:** ڀائپي جي قيام سان معاشري ۾ اتحاد ۽ اتفاق پيدا ٿيندو آهي جيڪو هڪ پرامن معاشري جو بنياد آهي. توهان ٽلها ٽلها رسا ڏٺا هوندا جيڪي سنهڙن ڪمزور ڌاڳن جي اتحاد جو نتيجو هوندا آهن، هڪ اڪيلو ڌاڳو ايترو ڪمزور هوندو آهي جو ننڍو ٻار بہ ان کي آساني سان ٽوڙي سگهندو آهي، پر جڏهن ڪيترائي ڪمزور ڌاڳا پاڻ ۾ متحد ٿي ويندا آهن تہ هڪ مضبوط رسي جي

صورت اختيار ڪري وٺندا آهن جيڪو وڏن وڏن بحري جهازن کي پاڻي جي شديد زور ۾ بہ روڪي سگهندو آهي.

**مدد ۽ تعاون جو جذبو:** پائپي سان ٻين جي مدد ۽ ايثار جو جذبو پيدا ٿيندو آهي. هڪ مسلمان ڀاءُ ڪنهن مشڪل ۾ آهي تہ ان جو ٻيو اسلامي ڀاءُ پنهنجي طاقت مطابق مدد ڪندو آهي ۽ ان ۾ الله پاڪ جي مدد شاملِ حال هوندي آهي. رسول الله صَلَّی اللہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ ٻانهي جي مدد ڪندو رهندو آهي جيستائين ٻانهو پنهنجي ڀاءُ جي مدد ۾ لڳل رهندو آهي. (x)

**نفرت ۽ عداوت جو خاتمو:** پائپي جي برڪت سان اهي شيون جن سان نفرت ۽ دشمني پيدا ٿيندي آهي مثلاً حسد، بغض، گلا (غيبت) وغيره برائين جو خاتمو ٿيندو آهي ۽ نفرت ختم ٿيندي آهي. نبي پاڪ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان جي ترغيب ڏياريندي ارشاد فرمايو: پاڻ ۾ حسد نہ ڪريو، پاڻ ۾ بغض ۽ عداوت نہ رکو، پرپُٺ هڪ ٻئي جي برائي بيان نہ ڪريو ۽ اي الله پاڪ جا ٻانها! پاڻ ۾ ڀائر ٻڻجي وڃو. (xi)

**الله جي محبت ۽ رحمت جو ذريعو:** پائپي قائم ڪرڻ وارن لاءِ الله پاڪ جي رضا جو حصول ۽ ان جي خاص رحمت جي نزول جو حق حاصل ٿيندو آهي. نبي پاڪ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: منهنجي محبت انهن ماڻهن لاءِ ثابت ٿي وئي جيڪي منهنجي لاءِ هڪ ٻئي سان محبت ڪن ٿا، هڪ ٻئي تي خرچ ڪن ٿا ۽ هڪ ٻئي سان ملاقات ڪن ٿا. (xii)

**7. آخرت ۾ مقام بلند هوندو:** قيامت جي ڏينهن اهڙا ماڻهو جيڪي پائپي، محبت ۽ خلوص سان زندگي گذاريندا، انهن کي خاص مقام عطا ڪيو ويندو. حديث پاڪ ۾ آهي: الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن فرمائيندو: منهنجي عظمت جي خاطر هڪ ٻئي سان محبت ڪرڻ وارا اڄ ڪٿي آهن؟ مان انهن کي پنهنجي ڇانوَ ۾ جاءِ ڏيان، ڇوتہ اڄ منهنجي ڇانوَ ڪانسواءِ ڪا ٻي ڇانوَ ناهي. (xiii)

مال جي محبت جي جاءِ تي ايثار جي نعمت ملندي آهي: پائپي جي برڪت سان دلين مان مال جي محبت ختم ٿي ويندي آهي ۽ ان جي جاءِ تي ايثار جي عظيم دولت نصيب ٿيندي آهي. هي صرف هڪ سماجي رشتو ناهي، بلڪ ايمان جي بنياد تي قائم اهڙو تعلق آهي جيڪو انسان کي پنهنجي ضرورتن تي ٻئي کي ترجيح ڏيڻ جو حوصلو عطا ڪندو آهي. اهو ئي جذبو هڪ مثالي، پاڻ ۾ همدردي ۽ قرباني تي مبني معاشرو ٺاهيندو آهي، جتي فرد خود غرضي کان مٿانهون ٿي ٻين جي خوشي کي پنهنجي خوشي سمجهندا آهن.

**الله جي لاءِ محبت جو انعام (حڪايت):**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: هڪ شخص پنهنجي ڀاءُ سان ملڻ لاءِ ٻي بستي

۾ ويو. الله ڪريم ان جي رستي ۾ هڪ فرشتو موڪليو جنهن ان کان پڇيو: ڪاڏي جو ارادو آهي؟ جواب ڏنائين: ان بستي ۾ منهنجو هڪ ڀاءُ آهي، ان سان ملڻ وڃي رهيو آهيان. فرشتي پڇا ڪئي: ڇا تو ان تي ڪو احسان ڪيو آهي جنهن کي وصول ڪرڻ چاهين ٿو؟ هن چيو: ان کان سواءِ ٻي ڪا ڳالهه ناهي ته مان الله جي لاءِ ان سان محبت ڪندو آهيان. فرشتي چيو: مان تو وٽ الله جو اهو پيغام آندو آهي ته جهڙي طرح تون ان سان محبت ڪندو آهين ، الله تعاليٰ به توسان محبت فرمائيندو آهي. (xiv)

**ايثار جي انتها:**

صوفين جي هڪ جماعت کي ڪنهن خليفي جي سامهون پيش ڪيو ويو ته ان انهن کي مارڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو، انهن ۾ حضرت سيدُنا ابوحسين احمد بن محمد نوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه به هئا. پاڻ فوراً جلاد طرف وڌيا ته جيئن سڀ کان پهريان قتل ڪيا وڃن. پاڻ کان ان جو سبب پڇيو ويو ته فرمايائون: ”مان پسند ڪريان ٿو ته هن گهڙي پنهنجي ڀائرن جي زندگي کي پاڻ تي ترجيح ڏيان.“ سندن اهو فرمائڻ سيني جي نجات جو سبب بڻجي ويو. (xv)

**ٻڪريءَ جو مغز ستن گهرن جو مهمان:**

حضرت سيدُنا عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا فرمايو: رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم جي اصحابن مان ڪنهن کي ٻڪري جو مغز تحفو ڏنو ويو ته هن اهو چئي ته ”منهنجو فلاڻو ڀاءُ ان جو مون کان وڌيڪ ضرورت مند آهي“ اها سري ان جي طرف موڪلي ڇڏي، هن به اهو ئي خيال ڪري اڳتي موڪلي ڇڏي، هن طرح اهو مغز هڪ کان ٻئي ڏانهن موڪليو ويو ايستائين جو ستن هٿن مان گذري واپس پهرين صحابي جي طرف موٽي آيو. (xvi)

**اڄ جي دور ۾ مواخات جي ضرورت:**

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم مهاجرن ۽ انصارن جي وچ ۾ جيڪا ”مواخات“ قائم ڪئي اها اسلامي معاشرت جو هڪ عظيم مثال آهي. ان مواخات جو مقصد رڳو مهاجرن جي رهائش يا انهن جي مالي مدد نه هو، بلڪ پاڻ ۾ انهن جي دلين کي جوڙڻ ۽ هڪ ٻئي جو سچو خيرخواهه بنائڻ هو. پر افسوس! اڄ اسان ان عظيم سنت کي وساري ڇڏيو آهي.

اڄ اسان جي معاشري جو حال اهو آهي ته گهر گهر جهيڙا، ڀاءُ ڀاءُ کان ناراض ۽ مائٽ هڪ ٻئي جو منهن ڏسڻ تائين پسند ناهن ڪندا. معمولي ڳالهين تي ورهين پراڻيون دوستيون ٽٽي پون ٿيون. هڪ ئي اداري، شعبي يا گهر ۾ رهندي به اسان هڪ ٻئي جي ڏک درد جو احساس نٿا ڪريون. اسان جون دليون بغض، حسد ۽ نفرت سان ڀريل آهن. اسان ٻين کان رحم، عزت ۽ شفقت جي اميد ته رکندا آهيون پر پاڻ

ننڍين ننڍين رنجشن تي تعلقات ختم ڪري ڇڏيندا آهيون. اهو ئي سبب آهي جو مسلمان اڄ ڪمزور، منتشر ۽ غيرن جي ظلم ۽ ستم جو شڪار آهن. جيڪڏهن اسان اخوت ۽ ڀائپي کي فروغ ڏيون ها، هڪ ٻئي جي خيرخواهي ڪريون ها ۽ مفاد پرستي ڇڏي خلوصِ دل سان محبت ڪريون ها تہ شايد اسان جي حالت مختلف هجي ها. افسوس جو اڄ محبت بہ مفاد سان مشروط ٿي چڪي آهي.

هيٺ اهڙا ئي ڪجھ اسلامي اصول ۽ طريقا بيان ڪيا پيا وڃن، جيڪي نہ صرف مسلمانن جي وچ ۾ محبت ۽ الفت پيدا ڪندا آهن، بلڪ ڀائپي کي بہ فروغ ڏيندا آهن جيڪو هڪ مضبوط اُمت جو بنياد آهي.

(1) **سلام کي عام ڪرڻ:** ڀائپي ۽ محبت وڌائڻ جو هڪ طريقو هڪ ٻئي کي ڪثرت سان سلام ڪرڻ بہ آهي، چاهي اسان ان کي سڃاڻون يا نہ سڃاڻون. حديث پاڪ ۾ آهي: توهان جنت ۾ داخل نہ ٿيندا جيستائين ايمان نہ آڻيو ۽ توهان مومن نہ ٿجندا جيستائين هڪ ٻئي سان محبت نہ ڪريو. ڇا مان توهان کي اهڙي شيءِ نہ ٻڌايان تہ جيڪڏهن توهان ان کي ڪريو تہ پاڻ ۾ محبت پيدا ٿي وڃي؟ (اها آهي) سلام کي عام ڪرڻ. (xvii)

(2) **پاڻ ۾ تحفا ڏيڻ:** ڀائپي ۽ محبت کي فروغ ڏيڻ لاءِ تحفي جي ڏي وٺ رکو جو ان سان دل صاف ٿيندي آهي، حديث پاڪ ۾ آهي: تَهَادَوْا تَحَابُّوا يعني پاڻ ۾ تحفا ڏيو تہ ان سان محبت پيدا ٿيندي. (xviii)

(3) **مسلمانن جي عذر کي قبول ڪرڻ:** جيڪڏهن ڪو مسلمان ڀاءُ غلطي ڪري ۽ پوءِ ان غلطي کي مڃيندي معذرت ڪري تہ ان جو عذر قبول ڪرڻ گهرجي ڇو تہ ان سان دل جي ڪدورت (رنجش) دور ٿيندي آهي.

(4) **حسن اخلاق اختيار ڪرڻ:** خوش اخلاقي ۽ نرم مزاجي بہ محبت وڌائڻ ۽ سامهون واري جي دل کٽڻ جو سبب ۽ هڪ سٺي انسان جي نشاني آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: توهان مان سڀ کان بهتر اهو آهي جيڪو اخلاق ۾ سڀ کان بهتر هجي. (xix)

(5) **خوشي غمي ۾ شرڪت ڪرڻ:** ڪنهن بيمار جي عيادت يا پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي خوشي غمي ۾ ان جو شريڪ ٿيڻ بہ ڀائپي ۽ محبت ۾ واڌاري جو هڪ سبب آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: مسلمان جڏهن پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عيادت لاءِ ويو تہ واپس ٿيڻ تائين هميشہ جنت جا ميوا چونڊڻ ۾ رهيو. (xx) جنهن ڪنهن مصيبت زده جي تعزيت ڪئي تہ ان کي مصيبت زده جي برابر اجر ملندو. (xxi)

(6) **خلوص سان خيرخواهي ڪرڻ:** پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي ڀلائي چاهڻ، ڪنهن برائي

۾ مبتلا ڏسي ان جي اصلاح ڪرڻ ۽ ان ڪي سٺو مشورو ڏيڻ خيرخواهي آهي جيڪا دلين ۾ هڪ ٻئي لاءِ اعتماد ۽ محبت پيدا ڪندي آهي.

(7) حوصلہ افزائي ڪرڻ: پنهنجي ڀاءُ جي ڪنهن سٺي ڪارنامي يا ان جي قابليت ۽ صلاحيت کي ساراهڻ ۽ حوصلہ افزائي ڪرڻ بہ پاڻ جي محبت کي وڌائڻ جو هڪ طريقو آهي.

اللّٰه پاڪ اسان مسلمانن ۾ اتفاق، اتحاد، اخوت ۽ محبت سان رهڻ ۽ هڪ ٻئي جي مشڪل وقت ۾ مدد ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي، آمين.

---

([i])احياء العلوم،2/ 216

([ii])پ 4، آلِ عمرٰن: 103

([iii])پ 26، الحجرات 10

([iv])صراط الجنان، 422/9

([v])مسلم،ص 1070، حديث:6585

([vi])بخاری، 2 / 126، حديث:2442

([vii])عمدة القاری،182/8،تحت الحديث: 1968 ملتقطا

([viii])سيرت رسولِ عربی،ص119 ملخصاً

([ix])مسلم، ص51، حديث : 194

([x])مسلم، ص 1110،حديث:6853

([xi])بخاری، 117/4،حديث:6066

([xii])مسند احمد،421/8، حديث: 22847

([xiii])مسلم،ص1065،حديث:6548

([xiv])مسلم، ص1065، حديث:6549

([xv])احياء العلوم الدين216/2

([xvi])احياء العلوم الدين2/ 217

([xvii])مسلم، ص51، حديث : 194

([xviii])مؤطا امام مالک،407/2، رقم: 1731

([xix])بخاری489/2حديث: 3559

([xx])مسلم، ص 1066، حديث: 6554

([xxi])ترمذی، 338/2، حديث: 1075



# پنهنجي بزرگن کي ياد رکو

مولانا ابو ماجد محمد شاهد عطاري مدني

رجب المرجب اسلامي سال جو ستون مهينو آهي. هن ۾ جن اولياء عظام ۽ اسلامي عالمن جو يومِ وصال يا عرس آهي، انهن مان 116 جو مختصر ذڪر "ماهوار فيضانِ مدينہ" رجب المرجب 1438 ھ کان 1446ھ جي شمارن ۾ ڪيو ويو آهي، وڌيڪ 6 جو تعارف ملاحظ فرمايو:

**اولياء ڪرام** رحمهم الله:

(1) **شيخ سيد محمد بن يخلف** رحمۃ اللہ علیہ جي پيدائش جمادي الاخريٰ 756ھ تي الراشديہ، ريجن مڪناس تافي لالت، مغرب (مراڪش) ۾ ٿي ۽ 24 رجب 857ھ ڪي ولهاصہ، صوبي عين تموشنت، الجزائر، آفريڪا ۾ وصال فرمايو. پاڻ علامہ ۽ فاضل، زاهد ۽ متقي، ماهر علوم و فنون، مدرس ۽ مفتي، علامہ المحققين، مسند العصر، صدر الافاضل ۽ باڪرامت ولي الله هئا. (i)

(2) **مولانا محمد حسين فاروقي محب الاهي الهہ آبادي** رحمۃ اللہ علیہ جي پيدائش محلي بهادر گنج، الہ آباد، يو پي هند جي علمي ۽ روحاني فاروقي گهراڻي ۾ غالباً 1269ھ ۾ ٿي ۽ وصال 8 رجب 1322ھ تي دربارِ غريب نواز اجمير شريف ۾ فرمايو، اتي ئي تدفين ٿي. پاڻ قدوة المحققين، عمدةُ المدققين، فاضلِ ڪبير، عالم ۽ اديب، حڪيم حاذق، عارف بالله، امام العلماء، رئيس الاصفياء، ڪتابن جا مصنف، علمي ۽ عملي ڪمالات جا جامع، صاحب حال صوفي، اردو، فارسي ۽ عربي جا قادرالڪلام شاعر هئا. (ii)

**علماءِ اسلام** رحمهم الله:

(3) **شيخ الاسلام علامہ اسماعيل بن ابراهيم هاشمي جبرتي زبيدي شافعي** رحمۃ اللہ علیہ جي پيدائش 722ھ ۽ وصال 15 رجب 806 ھ ۾ ٿيو. هي زبيد يمن جا عالم دين، محدث، واعظ، عبادت گذار، ولي الله، صاحبِ ڪرامات، علامہ ابن عربي ۽ فصوص الحڪم جو عاشق، عوام ۽ بادشاهن ۾ مقبول، گهڻي فيض وارا ، صوفي باصفا ۽ ڪثرت سان سوره يٰس جي تلاوت ڪرڻ وارا هئا. (iii)

(4) **امام محمد محفوظ ترمسي جاوي شافعي مهاجر مڪي** رحمۃ اللہ علیہ جي پيدائش ڳوٺ ترمس، تحصيل ارجوسري، ضلعي قاچيتان، مشرقي جاوا، انڊونيشيا 1285ھ ۾ ٿي ۽ وصال پهرين رجب 1338ھ ڪي مڪي مڪرمہ ۾ فرمايو، معليٰ قبرستان ۾ تدفين ڪئي وئي. پاڻ حافظ ۽ قاري، فقيہ ۽ محدث، مسند العصر، ڪتابن جا مصنف، مسجد الحرام جا استاد، متقي ۽ پرهيزگار، منڪسر المزاج، حسن اخلاق جا پيڪر ۽ گهڻن شاگردن وارا هئا. ٻن درزنن جي

ويجهو ڪتابن مان حاشية الترميسي، غنية الطلبه، بغية الاذكياء ۽ نيل المأمول اهم آهن. (iv)

(5) شيخ سيد فضل پاشا بن علوي مليباري مڪي رحمۃ اللہ علیہ جي پيدائش ڪالي ڪٽ، مليبار، ڪيرالا، ڏکڻ هند جي علمي سادات باعلوي خاندان ۾ 1240ھ ۾ ٿي ۽ 2 رجب 1318ھ تي استنبول ۾ وفات ٿي. تدفين مزار ڪمپليس، استنبول، ترڪي ۾ ٿي. پاڻ علماءِ هند، يمن ۽ مڪي مان فيض يافته، ديني ۽ دنياوي علمن سان مالا مال، هند جي آزادي جا مجاهد، ڪتابن جا مصنف، ظفار جا گورنر، ڏکڻ عمان، وزير سلطنت عثمانيه ۽ خاص ۽ عام ۾ مقبول هئا. سندن 20 ڪتابن ۾ عقدالفرائد ۽ ايضاح الاسرار العلويه اهم آهن. (v)

(6) بدر الملّت و الدين شيخ سيد محمد بن ابراهيم غلاييني جيلاني رحمۃ اللہ علیہ جي پيدائش محلي سمانه ويجهو عقيبه دمشق ۾ 1330ھ تي ٿي ۽ 23 رجب 1411ھ تي جده ۾ وصال فرمايو، معليٰ قبرستان ۾ تدفين ٿي. پاڻ فقه شافعي ۽ حنفي جا ماهر، مسند العصر ۽ مدرس ۽ مفتي هئا. مولانا ضياءُ الدين مدني کان به اجازت ۽ خلافت حاصل هئي. اردن ۽ دمشق ۾ تدريس ۽ امامت ڪئي ۽ زهد ۽ فياضي ۾ مشهور ٿيا. (vi)

شعبان المعظم اسلامي سال جو اٺون مهينو آهي. هن ۾ جن صحابه ڪرام، اولياء عظام ۽ علماءِ اسلام جو وصال يا عرس آهي، انهن مان 111 جو مختصر ذڪر "ماهوار فيضانِ مدينه" شعبان المعظم 1438ھ کان 1446ھ جي شمارن ۾ ڪيو ويو آهي، وڌيڪ 6 جو تعارف ملاحظ فرمايو:

**صحابہ ڪرام** رضی اللہ عنھم:

(1) حضرت بشير بن عنبس بن زيد انصاري ظفري رضی اللہ عنہ بهادر صحابي هئا، سندن لقب فارس الحوا (يعني گهوڙي جا شهسوار) هو. هنن غزوه احد کان اڳ اسلام آندو، غزوه احد، غزوه خندق ۽ بعد جي تمام غزوات ۾ شامل ٿيا، هنن معرڪ جسر (شعبان 13ھ) ۾ جام شهادت نوش ڪيو. مشهور صحابي حضرت قتاده بن نعمان رضی اللہ عنہ سندن سوٽ (چاچي جا پٽ) هئا. (vii)

(2) حضرت ثابت بن عتيڪ انصاري رضی اللہ عنہ بني عمرو بن مبزول مان هئا، سندن شهادت معرڪ جسر (شعبان 13ھ يا 15ھ) ۾ ٿي. (viii)

اولياء ڪرام ۽ علماءِ اسلام رحمھم اللہ:

(3) تلميذ بحر العلوم علامه احمد انوار الحق فرنگي محلي رحمۃ اللہ علیہ سلسلي قادريه رزاقيه جا شيخ طريقت، صوفي باڪمال ۽ ذڪر ۽ اذڪار ۾ مشغول رهڻ وارا بزرگ هئا. سندن وصال 6 يا 26 شعبان 1236ھ مطابق 1821ع تي ٿيو، لکنؤ ۾ پنهنجي باغ ۾ دفن ڪيا ويا. اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان جا پڙڏاڏا حافظ شاه ڪاظم علي

خان سندن مريد ۽ خليفا هئا. [ix]

(4) پيرِ طريقت حضرت خواجه سيد گلاب شاهه اورنگ آبادي رحمة الله عليه جي پيدائش 1264ھ ۾ ٿي ۽ وصال 13 شعبان 1355ھ تي فرمايو، مزار ڳوٺ اورنگ آباد، تحصيل جنڊ ضلعي اٽڪ جي قبرستان ۾ آهي. پاڻ عالم دين، مدرس، استاذ العلماء، خواجه شمس العارفين مريد ۽ خليف ۽ صاحبِ ڪرامت بزرگ هئا. سڄي زندگي درس ۽ تدريس ۾ گذاري، ڪابل، قنڌار، غزني، چڇ ۽ هزاره مان شاگرد اچي پڙهندا هئا. [x]

(5) پيرِ طريقت ڊاڪٽر محمد الله ڏتو طالب ڪنجاهي رحمة الله عليه جي پيدائش 12 فيبروري 1886ع تي ڪنجاهه ضلعي گجرات ۾ ٿي ۽ وصال 11 شعبان 1377ھ تي ٿيو، تدفين مقام پيدائش ۾ ڪئي وئي. ابتدائي زندگي ۾ پاڻ فوج ۾ اسسٽنٽ سرجن جي پوسٽ تي خدمتون سرانجام ڏنيون، پوءِ امير ملت علامه سيد جماعت علي شاهه محدث علي پوري کان بيعت ۽ خلافت جي سعادت حاصل ڪئي. پاڻ پابندِ شريعت و سنت، عاشقِ رسول، صاحب تصنيف ۽ اسلامي شاعر هئا. [xi]

(6) شمس الائمه امام بڪر بن محمد انصاري بخاري رحمة الله عليه شيخ الحنفيه، بخارا جا مفتي، ابو حنيفه صغير ۽ مذهب حنفيه جا حافظ هئا. سندن پيدائش 427 ھ تي زرنجري ويجهو بخارا ۾ ٿي. شمس الائمه عبدالعزيز حلوائي ۽ ٻين عالمن ۽ مشائخن کان علوم ۽ فنون ۾ مهارت حاصل ڪئي. صاحبِ هدايه شيخ علي بن ابوبڪر فرغاني سندن ئي شاگرد آهن، هنن 19 شعبان 512 ھ تي وصال فرمايو. [xii]

---

([i])ويب سائٹ مدونة برج بن عزوز،ترجمة الولى الصالح سيدى محمد بن يخلف: albordj.blogspot.com

([ii])تذکرۂ غوث صمدانی،ص13تا27

([iii])الضوء الامع،282/2تا284

([iv])امتاع الفضلابتراجم القراء، 354/2تا357

([v])عقدالفرائد،ص5، 6

([vi])اتحاف الاکابر،ص549-تذکره علمائے عرب،490/1تا493

([vii])الاصابہ،443/1-اسد الغابہ، 294/1

([viii])الاصابہ،509/1-اسد الغابہ، 337/1

([ix])ممتازعلمائے فرنگی محلی،ص 111تا115- تذکره علمائے اہل سنت،ص32-تذکره علمائے ہند، ص94

([x])تذکره علمائے اہل سنت ضلع اٹک،ص111تا113

([xi])تذکره خلفائے امیرملت،ص 212 تا 215

([xii])سیراعلام النبلاء،375/14



ٻارن لاءِ پياري حديث

# نجات جي رات

**مولانا محمد جاويد عطاري مدني**

الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اِذَا كَانَ لَيْلَةُ النِّصْفِ مِنْ شَعْبَانَ، فَقُومُوا لَيْلَهَا وَصُوْمُوْانَهَارَهَا ”جڏهن شعبان مهيني جي پندرهين رات اچي تہ ان (رات) ۾ عبادت ڪريو ۽ ڏينهن جو روزو رکو.“

(ابن ماجه، 160/2، حديث: 1388)

پيارا ٻارو! الله تعاليٰ سڄي سال ۾ ڪجھ خاص راتيون اهڙيون ٺاهيون آهن جن ۾ تمام گهڻيون برڪتون ۽ رحمتون هونديون آهن. هي راتيون عام راتيون جهڙيون ناهن بلڪ انهن ۾ عبادت ڪرڻ جو ثواب تمام گهڻو ملندو آهي. جيئن اسان جي اسڪول ۾ ڪجھ خاص ايونٽ (Event) ٿيندا آهن جن ۾ خوشيون ملهايون وينديون آهن، تحفا، انعام وغيره ورهايا ويندا آهن، بلڪل ائين ئي الله پاڪ بہ ڪجھ خاص راتيون رکيون آهن، جن ۾ هو پنهنجي ٻانهن تي خصوصي رحمت ۽ ڪرم فرمائيندو آهي.

جيئن رمضان مهيني ۾ هڪ رات شبِ قدر آهي، جيڪا هزار مهينن کان بهتر آهي. شعبان المعظم جي مهيني جي پندرهين رات شبِ براءَت آهي، جنهن ۾ بخشش ۽ مغفرت جا پروانا ملندا آهن، اهڙي طرح رجب المرجب جي مهيني جي ستاويهين رات ڪي شبِ معراج چوندا آهن، ان رات ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آسمانن تي تشريف وٺي ويا ۽ الله پاڪ جو ديدار ڪيو ۽ جنت جو سير ڪيو ۽ دوزخ ڪي بہ ڏٺو.

هن جهڙين وڏين راتين جا گهڻا ئي ديني ۽ دنياوي فائدا آهن: مثال طور انهن راتين ۾ دعائون قبول ٿينديون آهن، الله پاڪ پنهنجي ٻانهن جون غلطيون معاف فرمائي ڇڏيندو آهي، حلال رزق جي دعا ڪرڻ جو بهترين وقت ملندو آهي. هڪ نيڪي جو ثواب ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ ملندو آهي. عبادت جي برڪت سان الله پاڪ خوش ٿيندو آهي، گناهن کان بچڻ جي توفيق ملندي آهي.

شبِ براءَت جو مطلب آهي ”نجات جي رات“، يعني هن رات ڪيترن ئي ٻانهن ڪي جهنم کان نجات ملندي آهي، ڪنهن

ڪنهن کي جهنم کان آزادي ملي آهي؟ ان جو علم الله پاڪ وٽ آهي، الله ئي ڄاڻي ٿو، بس اسان کي حڪم آهي تہ هن رات جو قدر ڪريون ۽ خوب عبادت ڪري الله پاڪ کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون.

پيارا ٻارو! شبِ براءَت الله پاڪ جي طرفان هڪ خاص تحفو آهي. هي رات غفلت ۾ نہ گذاريو، پنهنجي عمر ۽ صلاحيت مطابق ڪجھ نہ ڪجھ عبادت ضرور ڪريو. ٿورو عمل ڪريو پر دل سان ڪريو ۽ پوءِ هميشہ ڪرڻ جو ارادو بہ ڪريو.

**شبِ برائت ۾ ٻارن جي سرگرمي (Activity):**

هن مقدس رات ۾ بہ عشاء جي نماز باجماعت ادا ڪريو ۽ نياڻيون گھر ۾ پنهنجي والده سان گڏ نماز پڙهن، هن رات جون برڪتون ماڻڻ لاءِ وڏيڪ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ رڪعت نفل ئي پڙهي وٺو، جيتري ٿي سگهي تلاوت قرآن پاڪ ڪريو، الله کان پنهنجون ضرورتون گھرو، پنهنجي ۽ دوستن جا سٺا نمبر اچڻ جي دعا ڪريو، پنهنجي غلطين تي معافي گھرو، نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان درود پڙهو.

ٿي سگهي تہ ڏينهن جو روزو رکو جيئن تہ شروع ۾ لکيل حديثِ پاڪ ۾ ان جي ترغيب ڏني وئي آهي تہ ايئن حديث پاڪ تي بہ عمل ٿي ويندو.

الله پاڪ اسان کي حديثون پڙهي، سمجهي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# رجب المرجب ۽ شعبان المعظم جا چند اهم واقعا

| تاريخ/مهينو/سن | نالو/واقعو | وڌيڪ معلومات لاءِ پڙهو |
|---|---|---|
| 13 رجب 763ھ | يومِ وصال حضرت سيد مير موسيٰ جيلاني رحمۃ اللہ علیہ | ماهنامو فيضانِ مدينہ رجب 1439ھ |
| 12 يا 14 رجب 32ھ | يومِ وصال عمِ رسول (رسولِ اڪرم جا چاچا) حضرت عباس بن عبدالمطلب رضی اللہ عنہ | ماهنامو فيضانِ مدينہ رجب 1438، 1439ھ |
| 15 رجب 148ھ | يومِ عرس تابعي بزرگ حضرت امام جعفر صادق رحمۃ اللہ علیہ | ماهنامو فيضانِ مدينہ رجب 1438، 1444ھ ۽ "فيضانِ امام جعفر صادق" |
| 21 رجب 989 ھ | يومِ وصال قاضي ضياءُ الدين معروف جيا عثماني قادري رحمۃ اللہ علیہ | ماهنامو فيضانِ مدينہ رجب 1439ھ |
| 22 رجب 60 ھ | يومِ عرس صحابيِ رسول ڪاتبِ وحي حضرت امير معاويہ رضی اللہ عنہ | ماهنامو فيضانِ مدينہ رجب 1438 کان 1445ھ ۽ "فيضانِ امير معاويہ" |
| 24 رجب 261ھ | يومِ وصال امام المحدثين حضرت امام مسلم بن حجاج رحمۃ اللہ علیہ | ماهنامو فيضانِ مدينہ رجب 1439ھ |
| 25 رجب 101ھ | يومِ وصال تابعي بزرگ ثاني عمر حضرت عمر بن عبدالعزيز رحمۃ اللہ علیہ | ماهنامو فيضانِ مدينہ رجب 1438، 1440ھ ۽ "حضرت عمر بن عبدالعزيز جون 425 حڪايتون" |
| 25 رجب 1416ھ | يومِ شهيدان دعوتِ اسلامي محمد سجاد عطاري ۽ محمد اَحد رضا عطاري | آداب مرشد ڪامل، صفحو 252 کان 255 |
| 27 رجب سن 11 نبوي | الله پاڪ پنهنجي پياري حبيب صلی اللہ علیہ والہ وسلم کي معراج شريف جو عظيم معجزو عطا فرمايو | ماهنامو فيضانِ مدينہ رجب 1438 کان 1446ھ ۽ "فيضانِ معراج" |
| 27 رجب 297ھ | يومِ وصال امام الطائفہ حضرت جنيد بغدادي رحمۃ اللہ علیہ | ماهنامو فيضانِ مدينہ رجب 1438ھ |
| 27 رجب 632ھ | يومِ وصال حضرت ابو صالح عبدالله نصر رحمۃ اللہ علیہ | شرح شجره قادريہ رضويہ عطاريہ، صفحو 91 |
| رجب 15ھ | واقعو جنگِ يرموڪ جنهن ۾ صرف 41 هزار مسلمانن 6 کان 7 لک رومين جا ڏند کٽا ڪري ڇڏيا ۽ الله پاڪ مسلمانن کي عظيم فتح عطا فرمائي. | "فيضانِ فاروقِ اعظم، جلد 2، صفحو 591 کان 618" |
| پهرين شعبان المعظم 204 ھ | يومِ وصال شافعين جا امام حضرت محمد بن ادريس شافعي رحمۃ اللہ علیہ | ماهنامو فيضانِ مدينہ شعبان المعظم 1438ھ ۽ "فيضانِ امام شافعي" |
| 2 شعبان المعظم 150 ھ | يومِ عرس حضرت امامِ اعظم ابوحنيفہ نعمان بن ثابت رحمۃ اللہ علیہ | ماهنامو فيضانِ مدينہ شعبان المعظم 1438 کان 1443ھ ۽ "اشکوں کی برسات" |
| 3 شعبان المعظم 447 ھ | يومِ وصال حضرت ابوالفرح محمد يوسف طرطوسي رحمۃ اللہ علیہ | ماهنامو فيضانِ مدينہ شعبان المعظم 1438ھ |
| 5 شعبان المعظم 4 ھ | يومِ ولادت رسول الله جي نواسي حضرت امام حسين رضی اللہ عنہ | ماهنامو فيضانِ مدينہ محرم الحرام 1439ھ ۽ "امام حسين جون ڪرامتون" |

الله پاڪ جي انهن مٿان رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيْنْ بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہُ علیہِ واٰلہٖ وسلَّم

"ماهنامو فيضانِ مدينہ" جا شمارا دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان ڊائون لوڊ ڪري پڙهو ۽ ٻين کي شيئر بہ ڪريو.



# دل جي گندگي

مولانا حيدر علي مدني

"نعمان ياء! منهنجي رجسٽر مان پيج ڪڍڻ کان پهريان توهان کي مون کان پڇڻ گهرجي ها." اُسيد رضا هٿ ۾ رجسٽر جهلي چئي رهيو هو.

نعمان: "يار هڪ پيج جي ئي ته ڳالهه آهي، توهان ته ايئن روئي رهيا آهيو ڄڻ مون پورو رجسٽر ڪٽي ورتو هجي."

اُسيد رضا جواب ڏيڻ وارو ئي هو ۽ ٻنهي ٻارن جو تڪرار اجا شايد وڌيڪ هلي ها ته ايتري ۾ سر بلال دروازي جي ويجهو پهچي بيهي رهيا، سڀ کان پهريان معاويه جي نظر انهن تي پئي ۽ جلدي سان ٻنهي ٻارن کي سر ڏانهن متوجه ڪندي رڪجي وڃڻ جو چيو.

سر بلال وڏي آواز سان سلام ڪندي پنهنجي ڪرسيءَ وٽ تشريف وٺي آيا ۽ درود شريف پڙهڻ کان پوءِ سيني ٻارن کي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ويهڻ جو چيو ۽ پوءِ معاويه کي چوڻ لڳا: "صبح صبح توهان ماڻهن ڇا ميڇي مارڪيٽ ٺاهي رکي هئي؟"

معاويه: "نه سر! بس نعمان ياء ۽ اُسيد ياء پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا."

سر بلال: "جي نعمان پٽ! ڪهڙو سبب ٿيو، توهان ٻئي ته اسان جي ڪلاس جي سمجهدار ٻارن مان آهيو."

نعمان: "سر اڄ ميٿ (Math) جو ٽيسٽ آهي ۽ مان پيپر شيٽ آڻڻ وساري ويٺس، ان ڪري اُسيد ياء جي رجسٽر مان پيج ڪڍي ورتو ۽ هن ايندي ئي مون سان وڙهڻ شروع ڪري ڏنو، ڪنجوس نه هجي ته! هڪ پيج مان ڇا ٿيندو؟ مان هن کي سياڻي پوريون ڏهه شيٽون آڻي ڏيندس."

"جي اُسيد پٽ! توهان ڇا ٿا چئو؟" سر بلال اُسيد رضا کان پڇيو ته هو اٿي بيٺو ۽ چوڻ لڳو: "سر! مون وڙهڻ شروع نه ڪيو هو، مان صرف ان ڪري منع ڪري رهيو هئس ته رجسٽر مان ايئن پيج ڪڍڻ جي ڪري اهو لوز (Loose) ٿي ويندو آهي ۽ هي مون کان پڇن ته ها! مون وٽ ايڪسٽرا (Extra) شيٽون رکيل هيون، مان انهن مان ڏئي ڇڏيان ها."

سر بلال خاموشي سان بغير ڪنهن قسم جي دخل اندازي جي ٻنهي جي ڳالهه ٻڌي ڇو ته سندن خيال ۾ ايئن مسئلو واضح ٿي سامهون اچي ويندو آهي ۽ ان کي بهتر انداز ۾ حل ڪري سگهجي ٿو، تنهنڪري هاڻي هنن پنهنجي ڳالهه شروع ڪئي: "نعمان پٽ! مون کي لڳي ٿو اُسيد

درست چئي رهيو آهي، توهان کي واقعي هنن کان پڇي وٺڻ گهرجي ها، بالفرض رجسٽر خراب ٿيڻ واري ڳالهه نه به هجي ها تڏهن به ايئن بغير پڇي وٺڻ ته بلڪل به صحيح طريقو ناهي ۽ وري غلطي پاڻ ڪرڻ جي باوجود هنن کي ڪنجوس چئي رهيا آهيو، اِها ته اُها ئي ڳالهه ٿي وئي ’هڪ ته چوري مٿان وري سينا زوري‘.“ ان ڳالهه تي ٻار ڪلڻ لڳا.

”مان توهان کي چور نٿو چوان پر ياد رکو! ڪنهن جي به شيءِ ان جي اجازت کان بغير ته بلڪل به استعمال نه ڪرڻ گهرجي، جو ته هي ٻانهن جي حقن ۾ شامل آهي ۽ الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان حوالي سان سخت حساب وٺندو. اسان جا بزرگ ٻانهن جي حقن جي معاملي ۾ انتهائي حساس هئا، اچو توهان کي هڪ واقعو ٻڌايان ٿو:

هڪ مشهور تابعي بزرگ گذريا آهن، توهان سيني يقينًا انهن جو نالو ٻڌو هوندو، حضرت امام اعظم ابوحنيفه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تابعي ته توهان کي خبر آهي نه ڪنهن کي چوندا آهن؟“

نعمان: ”جي جي سر! ياد آهي توهان ئي ٻڌايو هو ته تابعي اهي هوندا آهن جيڪي مسلمان هوندي رسولِ پاڪ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪنهن صحابي سان مليا هجن ۽ پوءِ ايمان جي حالت ۾ ئي فوت ٿيا هجن.“

سر بلال: ”شاباس پٽ! ان جو مطلب آهي منهنجون ڳالهيون توهان ياد رکندا آهيو. چڱو ته امام ابوحنيفه تمام وڏا عالم هئڻ سان گڏوگڏ بزنس مين (تاجر) به هئا، ان ڪري ماڻهو ڪانئن قرض يعني اڌار به وٺي ويندا هئا. هڪ ڀيرو پاڻ پنهنجي هڪ مقروض مجوسي (يعني باهه جي پوڄا ڪرڻ واري) وٽان قرض وصول ڪرڻ لاءِ ويا. اتفاق اهڙو ٿيو جو ان جي گهر ويجهو سندن جتيءَ کي گپ لڳي وئي. گپ لاهڻ لاءِ پاڻ پنهنجي جتي ڇنڊي ته ڪجهه گپ اڏامي مجوسي جي ڀت تي لڳي وئي. هاڻي حضرت پريشان ٿيا آهن ته ڪريان ته ڇا ڪريان، گپ صاف ڪريان ٿو ته ڀت جي مٽي به لهندي ۽ صاف نٿو ڪريان ته ڀت خراب ٿي رهي آهي.

ان ئي سوچ واري ڪيفيت ۾ مجوسي جي دروازي تي دستڪ ڏني. مجوسي ٻاهر نڪري جڏهن امام اعظم کي ڏٺو ته ڏاڍو پريشان ٿيو ته قرض واپس ڪرڻ جا پيسا ناهن تنهنڪري معذرت ڪرڻ لڳو. پر امام اعظم ته پنهنجي ئي پريشاني ۾ هئا، ان ڪري ان ڳالهه جي طرف توجه ڏيڻ بغير ان کي ڀت تي گپ لڳي وڃڻ جي ڳالهه ٻڌائيندي معافي به گهري ۽ فرمايو: مون کي اهو ٻڌايو ته توهان جي ڀت ڪيئن صاف ڪريان؟ خوفِ خدا ۽ اعلىٰ اخلاق ڏسي ان مجوسي اسلام قبول ڪري ورتو،

جڻ مجوسي چئي رهيو هو ته حضرت! پت جي گپ صاف ڪرڻ کان پهريان منهنجي دل ڪفر جي گندگي کان پاڪ صاف ڪري ڇڏيو.“ (تفسير ڪبير، 204/1)

سر جي ڳالهه ختم ٿي ته نعمان جلدي سان اٿيو ۽ هٿ ٻڌي چوڻ لڳو: ”اُسيد ڀاء سوري! آئنده توهان جي ڪا به شيءِ بنا اجازت نه کڻندس ۽ مون توهان کي ڪنجوس به چيو، پليز (Please) مون کي دل سان معاف ڪري ڇڏجو.“

”اڙي نعمان ڀاء! هٿ نه ٻڌو، مون توهان کي دل سان معاف ڪيو.“ اُسيد رضا نعمان جا هٿ جهليندي چيو ۽ سر بلال سان گڏوگڏ سڄي ڪلاس مسڪرايو.




# تجارت جا احڪام

مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني

**(1) سامان گروي رکي قرض وٺڻ ڪيئن آهي؟**

سوال: ڇا ٿا فرمائن علماء ڪرام هن مسئلي بابت ته جڏهن ڪو شخص هڪ عورت کان قرض جو مطالبو ڪندو آهي ته اها قرض جي بدلي ۾ قرض ڪٽندڙ جي ڪا قيمتي شيءِ مثال طور سون وغيره بطورِ ضمانت رکندي آهي، ان کان پوءِ ئي قرض ڏيندي آهي. البته قرض تي نه ته هوءَ ڪا اضافي رقم وصول ڪندي آهي ۽ نه ئي قرضدار جي رکيل شيءِ کي پنهنجي استعمال ۾ آڻيندي آهي. توهان کان معلوم اِهو ڪرڻو آهي ته ڇا هن طرح قيمتي شيءِ رکرائي قرض وٺڻ شرعاً جائز آهي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: قرض ڏيندڙ جو قرض جي بدلي قرض وٺندڙ (مقروض) جي ڪا شيءِ بطورِ ضمانت پاڻ وٽ رکڻ شرعي اصطلاح ۾ ”رهن“ سڏبو آهي. رهن رکرائڻ قرآن ۽ حديث مان ثابت آهي. وڌيڪ اهو ته رهن رکرائڻ ۾ ٻنهي ڌرين کي فائدا به حاصل ٿيندا آهن، اهو ائين ته قرض ڏيندڙ کي پنهنجي قرض جي وصولي جو اطمينان ٿي ويندو آهي ۽ قرض وٺندڙ کي پنهنجو گهربل قرض آساني سان ملي ويندو آهي. واضح رهي ته پڇيل صورت ۾ پنهنجي قيمتي شيءِ رکرائي قرض وصول ڪرڻ شرعاً جائز آهي.

البته اهو مسئلو ضرور ذهن نشين رهي ته قرض ڏيندڙ جو رهن (گروي) رکيل شيءِ مان ڪنهن به قسم جو مشروط نفعو حاصل ڪرڻ خالص سودي معاملو آهي، ان کان بچڻ لازم ۽ ضروري آهي.

قرض وٺي پنهنجو مال رهن رکرائڻ قرآن ۽ حديث مان ثابت آهي. جيئن ته الله تبارڪ و تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو: ﴿وَ اِنْ كُنْتُمْ عَلٰى سَفَرٍ وَّ لَمْ تَجِدُوْا كَاتِبًا فَرِهٰنٌ مَّقْبُوْضَةٌ ؕ﴾ ترجموڪنزالايمان: ۽ جيڪڏهن توهان سفر ۾ آهيو ۽ لکندڙ نه لهي ته گروي هجي قبضي ۾ ڏنل. (سيپارو 3، البقره: 283)

هن آيت سڳوري جي حوالي سان صدرالأفاضل حضرت علامہ مولانا مفتي سيد محمد نعيم الدين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه لکن ٿا: ”يعني ڪا شيءِ قرض ڏيندڙ جي قبضي ۾ گروي طور ڏئي ڇڏيو. مسئلو: هي مستحب آهي ۽ حالت سفر ۾ رهن آيت مان ثابت ٿيو ۽ غير سفر جي حالت ۾ حديث مان ثابت آهي، جيئن ته رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مديني پاڪ ۾ پنهنجي زره مبارڪ يهودي وٽ گروي رکي ويهه صاع جوَ ورتا. مسئلو: هن آيت مان رهن جو جواز ۽ قبضي جو شرط هئڻ

ثابت ٿئي ٿو.“ (خزائن العرفان، ص 100)

رهن مان مشروط نفعو کڻڻ خالص سُودي معاملو آهي. جيئن تہ امام اهلسنت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: ”رهن ۾ ڪنهن طرح جي نفعي جو شرط بلا شڪ حرام ۽ خالص سود آهي، بلڪ انهن علائقن ۾ مرتهن (جنهن وٽ شيءِ رکيل هجي) جو مرهون (رکيل شيءِ) مان بغير شرط نفعو کڻڻ بہ حقيقتاً عرف جي حڪم سان شرط واري نفعي وانگر خالص سود آهي.“ (فتاويٰ رضويہ، 57/25)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

**(2) گروي رکيل شيءِ تي زڪوات ناهي**

سوال: ڇا ٿا فرمائن علماء ڪرام هن مسئلي بابت تہ هڪ عورت وٽ سون جو سيٽ هو جيڪو هن ضرورت پوڻ تي ڪنهن وٽ گروي رکرائي قرض ڪنيو، اجان تائين قرض ادا نہ ٿي سگهيو آهي. ڇا ان زيور جي زڪوات عورت کي ڪڍڻي پوندي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: پڇيل صورت ۾ جيستائين سون جو سيٽ گروي (رهن) رهندو، ان عرصي جي سون جي سيٽ تي زڪوات لازم نہ ٿيندي.

فتاويٰ رضويہ ۾ آهي: ”بي صورت (راهن جو زيور رهن رکرائڻ واري صورت) ۾ اهو زيور ان جو ئي آهي پر ان جي زڪوات ان تي واجب ناهي جيستائين اهو مرتهن جي قبضي ۾ رهي.“

(فتاويٰ رضويہ، 134/10)

بهارِ شريعت ۾ آهي: ”شيءِ مرهون (گروي رکيل شيءِ) جي زڪوات نہ مرتهن تي آهي، نہ راهن تي، مرتهن تہ مالڪ ئي ناهي ۽ راهن جي ملڪيت مڪمل (تام) ناهي جو ان جي قبضي ۾ ناهي ۽ رهن ڇڏائڻ کان پوءِ بہ انهن سالن جي زڪوات واجب ناهي.“ (بهار شريعت، 877/1)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

**(3) 99 روپين واري شيءِ جا 100 روپيا وصول ڪرڻ ڪيئن آهي؟**

سوال: ڇا ٿا فرمائن علماء ڪرام هن مسئلي بابت تہ اسان گهڻين شين جي قيمت 99 يا 999 يا ان انداز سان رکندا آهيون ۽ خريدار اسان کي 99 جي بجاءِ 100 ۽ 999 جي بجاءِ 1000 ڏيندو آهي . ڇا اضافي پيسا اسان واپس ڪنداسين يا رائونڊ فيگر ۾ رقم ڪٽڻ جي اسان کي اجازت آهي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: عام طور تي 99 جو انگ (Figure) ان مقصد لاءِ لکيو ويندو آهي تہ هڪ رپيو گهٽ ڪري يا توري رقم گهٽ ڪري ايندڙ وڏي انگ طرف گراهڪ جو ذهن وڃڻ کان روڪي سگهجي، مثال طور 999 لکيو آهي تہ گراهڪ جو ذهن اهو هوندو تہ اها شيءِ هزار کان گهٽ جي آهي، اهو دوکو تہ ناهي،

هڪ قسم جي مارڪيٽنگ پريڪٽس آهي جنهن کي اپنائڻ ۾ حرج ناهي. البتہ جنهن 99 يا 999 لکيا آهن اهو ريزگاري (کليل پيسا) رکڻ جو اهتمام بہ ڪري، اهو ان لاءِ ضروري آهي چو تہ جڏهن هن پاڻ قيمت 99 يا 999 روپيا بيان ڪئي آهي تہ سودو ٿيڻ جي صورت ۾ وڪڻندڙ بيان ڪيل قيمت ئي خريدار کان وصول ڪرڻ جو حقدار آهي. خريدار جيڪڏهن طئي ٿيل قيمت کان وڌيڪ پيسا ڏئي تہ وڌيڪ ڏنل پيسا وڪڻندڙ لاءِ ان وقت حلال هوندا جڏهن خريدار جي واقعي رضامندي موجود هجي.

جيڪڏهن خريدار طئي ٿيل قيمت کان وڌيڪ رقم ڏيڻ تي راضي نہ هجي يا وڌيڪ ڏنل رقم جو مطالبو ڪري ٿو تہ هاڻي خريدار جي اجازت يا رضامندي کان بغير طئي ٿيل قيمت کان وڌيڪ پيسا ڪٽڻ وڪڻندڙ لاءِ حلال ناهي، ان تي اهو ئي لازم آهي تہ اها رقم خريدار کي واپس ڪري.

صدر الشريعہ مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: ”جيتري ۾ شيءِ خريد ڪئي، وڪڻندڙ (بائع) کي ان کان ڪجھ وڌيڪ ڏنو تہ جيستائين اهو نہ چئي ڏي تہ اها وڌيڪ رقم تنهنجي لاءِ حلال آهي يا اهو تہ مون توکي مالڪ ڪري ڇڏيو، ان واڌاري کي وٺڻ جائز ناهي.“

(بہارِ شريعت، 480/3)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلّى الله عليه واٰله وسلّم



اُمِّ ميلاد عطاريہ

# ڏيئرن کي مهمان نوازي جو سليقو سيکاريو

اسلامي تهذيب ۽ تمدن ۾ مهمان نوازي کي هڪ عظيم صفت ۽ نيڪي شمار ڪيو ويو آهي. اللّٰہ جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: ”جيڪو اللّٰہ ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکندو آهي ته ان کي گهرجي ته مهمان جو اڪرام (عزت) ڪري.“

(بخاري، 4/105، حديث: 6018)

اها تعليم صرف مردن لاءِ ناهي بلڪ عورتن، خاص طور تي ڏيئرن (نياڻين) لاءِ به آهي، جو ته اهي ئي مستقبل جون مائرون، معلمائون ۽ معاشرتي سُتُون بڻجنديون آهن. مهمان نوازي صرف ماني يا چانهه پيش ڪرڻ جو نالو ناهي، بلڪ هي هڪ اخلاقي خوبي، ديني تربيت ۽ تهذيبي روايت آهي، هي دل جي ڪشادگي، حسنِ اخلاق، ۽ ٻين لاءِ احترام جو مظهر آهي.

تنهنڪري ضروري آهي ته اسان پنهنجي ڏيئرن جي دل ۾ مهمان نوازي جو جذبو پيدا ڪريون. اهي خوش اخلاقي سان پيش اچن، مرڪندي سلام ڪن، ادب سان ڳالهائين ۽ پنهنجي حيثيت مطابق مهمان جي خدمت ۾ لڳي وڃن.

پنهنجي عمل سان سيکاريو: جڏهن گهر ۾ مهمان اچن، والد ۽ والده انهن سان حسنِ سلوڪ ڪن ته جيئن ڌي ڏسي ڪري (مشاهدي سان) سکي. ماءُ پيءُ کي گهرجي ته اهي ڏيئرن کي عملي طور تي مهمان نوازي ۾ شامل ڪن، چاهي ڪنهن لاءِ چانهه ٺاهڻي هجي، دسترخوان لڳائڻو هجي، يا مُرڪي پاڻي پيش ڪرڻو هجي. مهمان جي ننڍن ڪمن جي ذميواري ڏين ته جيئن هوءَ خدمت جو جذبو محسوس ڪري. ياد رهي ته ڌيءَ کان صرف عورتن ۽ محرم ماڻهن جي مهمان نوازي ڪرائي وڃي. مهمان غير محرم هجي ته مهمانن لاءِ چانهه ۽ ٻين لوازمات جو انتظام ڪرائين ۽ غير محرم مهمان جي سامهون وڃڻ کان منع ڪن. جڏهن ڌيءَ مهمان نوازي سکندي آهي، ته اها دراصل محبت ورهائڻ جو هنر سکندي آهي. اها خوبي اڳتي هلي ان جي ازدواجي زندگي ۾ به برڪت جو سبب بڻجندي آهي، جو ته جيڪا ڌيءَ پنهنجي گهر ۾ مهمانن جي خدمت ڪرڻ ڄاڻندي آهي، اها سياڻي پنهنجي ساهرن جي گهر ۾ به عزت ۽ محبت جو مثال بڻجي ويندي آهي. جڏهن ڌيءَ مهمان سان حسنِ سلوڪ ڪري، ان جي تعريف ڪريو ته جيئن هوءَ ان عمل کي پسند ڪري ۽ ان کي ورجائڻ چاهي.

مهمان نوازي ۽ روحاني تربيت: ڏيئرن کي اهو سمجهائڻ ضروري آهي ته مهمان نوازي صرف دنياوي فائدو ناهي بلڪ آخرت ۾ به اجر جو باعث آهي. حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام کي "ابُو الضّيفان" (يعني تمام گهڻو مهمان نواز) چيو ويندو آهي. حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي باري ۾ اچي ٿو ته پاڻ تمام گهڻا مهمان نواز هئا، سندن عادت مبارڪ هئي ته اڪيلي ماني نه کائيندا هئا، مهمان ايندو هو، ان سان گڏ ويهي ئي ماني کائيندا هئا، جيڪڏهن ڪو مهمان نه ايندو هو ته پاڻ ٻاهر وڃي ڪنهن کي ڳوليندا هئا، مهمان کي گڏ وٺي ايندا هئا ۽ ان سان گڏ ويهي ماني کائيندا هئا.

مهمان نوازي کي دلچسپ بڻايو: جڏهن ڏيئرن ۾ مهمان نوازي جو شوق پيدا ٿيندو آهي ته اهي نه صرف گهر بلڪ معاشري ۾ به محبت، عزت ۽ حسنِ سلوڪ جو مثال بڻجنديون آهن. اهڙين ئي ڏيئرن جو گهراڻو مستقبل ۾ بهترين تربيت گاهه ثابت ٿيندو آهي، جيڪي پنهنجي اولاد ۽ زيرِ تربيت نياڻين کي اهي ئي قدر سيکارينديون آهن، ايئن هڪ باوقار ۽ بااخلاق نسل پروان چڙهندو آهي. هي رويو نه صرف ديني اجر جو ڪارڻ آهي بلڪ اخلاقي تربيت ۽ معاشرتي وقار جو نشان به آهي.

ياد رکو! مهمان نوازي صرف هڪ عمل ناهي، بلڪ هڪ ڪردار آهي. مهمان نوازي تعلقات کي مضبوط بڻائيندي آهي، معاشري ۾ محبت ۽ پائيچاري کي وڌائيندي آهي ۽ مثبت ماحول پيدا ڪندي آهي. مهمان کي الله جي رحمت سمجهي انهن جو استقبال ڪريو.

مهمان نوازي کي فضيلت سمجهو: مهمان نوازي کي سعادت ۽ فضيلت سمجهو، نه کي بار . نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: "جڏهن ڪو مهمان ڪنهن جي گهر ايندو آهي ته پنهنجو رزق کڻي ايندو آهي ۽ جڏهن اتان ويندو آهي ته گهر ڌڻي جي گناهن بخشجڻ جو سبب ٿيندو آهي."
(ڪنز العمال، 108/3، حديث: 25779)

امام نووي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مهمان نوازي ڪرڻ آدابِ اسلام ۽ نبين ۽ صالحن جي سنت آهي. (شرح مسلم للنووي، 20/2)

مهمان نوازي جي تياري ڪريو: گهر کي صاف سترو رکو ته جيئن مهمان اچڻ تي توهان کي ڪو فڪر نه ٿئي. هڪ مهمان نواز ميزبان ٿيڻ لاءِ پهريان کان تياري ضروري آهي.

خلوصِ نيت جو اظهار ڪريو: مهمانن سان مرڪي ملو، انهن جي ضرورتن جو خيال رکو ۽ انهن جي آرام جو خيال رکو. مهمان اچي ته پنهنجي ڪمن ۾ مصروف رهڻ بجاءِ ان کي ٽائيم ڏيو، ان سان ڳالهه ٻولهه ڪريو جو ته ان سان دوستاڻو ۽ پُرلطف ماحول ٺهندو آهي. پر ياد رهي مهمان هجي يا ڪو

۽ ڪوڙ، گلا (غيبت) ۽ گناهن ڀري گفتگو کان هميشه بچو.

مهمان جي سامهون ماني پيش ڪرڻ جا آداب: (1) ماني حاضر ڪرڻ ۾ جلدي ڪئي وڃي. (2) ماني ۾ جيڪڏهن ميوا به هجن ته پهريان ميوا پيش ڪيا وڃن ڇو ته طبي لحاظ کان ميوا پهريان کائڻ وڌيڪ مناسب (موافق) آهي. (3) مختلف قسمن جا کاڌا هجن ته جيتري قدر ٿي سگهي سڀ کاڌا گڏ پيش ڪيا وڃن. (4) جيستائين مهمان کائڻ کان هٿ نه روڪي وٺي تيستائين دسترخوان نه کنيو وڃي. (5) مهمانن سامهون ايترو کاڌو رکيو وڃي جيڪو انهن لاءِ ڪافي هجي ڇو ته ضرورت کان گهٽ کاڌو رکڻ مروت جي خلاف آهي ۽ ضرورت کان وڌيڪ رکڻ ڏيکاءُ آهي. (احياء العلوم، 22/2)

الله پاڪ اسان کي ميزباني ۽ مهماني جي آداب جو خيال رکڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

# ٻارن ۽ ٻارڙين جا 6 نالا ماهوار فيضانِ مدينہ جنوري 2025

سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم فرمايو: انسان سڀ کان پهريون تحفو پنهنجي ٻار کي نالي جو ڏيندو آهي، تنهنڪري ان کي گهرجي تہ ان جو نالو سٺو رکي.

(جمع الجوامع، 3/ 285، حديث: 8875)

هتي ٻارن ۽ ٻارڙين لاءِ 6 نالا، انهن جون معنائون ۽ نسبتون پيش ڪيون پيون وڃن.

**ٻارَن (ڇوڪرَن) جا 3 نالا**

| نالو | سڏڻ لاءِ | معنيٰ | نسبت |
|---|---|---|---|
| محمد | ضياء | چمڪ | رسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جو صفاتي نالو |
| محمد | اسلم | گهڻي سلامتي وارو | صحابي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو مبارڪ نالو |
| محمد | نعمان | نعمتون ماڻيندڙ | امامِ اعظم ابوحنيفہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو مبارڪ نالو |
| ٻارڙِين (ڇوڪرِين) جا 3 نالا | | | |
| | نالو | سڏڻ لاءِ | معنيٰ |
| | نالو | معنيٰ | نسبت |
| | اُمِّ ڪلثوم | پريل ڇهري واري جي ماءُ | شهزادي رسول جو بابرڪت نالو |
| | بُسره | گونچ | صحابيہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جو بابرڪت نالو |

(جن جي گهر پٽ يا ڌيءُ جي ولادت ٿئي اهي چاهين تہ انهن نسبت وارن 6 نالن مان ڪو هڪ نالو رکي سگهن ٿا.)

Monthly Magazine
Faizan-e-Madina
January 2026

ماهوار فيضانِ مدينہ جنوري 2026

# سادگي ڇا آهي؟

آخري نبي، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: ' اَلْبَذَاذَةُ مِنَ الْاِيْمَانِ ' يعني سادگي ايمان جو حصو آهي. (ابو دائود، حديث: 4161)

انساني زندگيءَ جي مختلف معاملن، جهڙوڪ: کائڻ پيئڻ، لباس پائڻ، شين جو استعمال، رهڻي ڪهڻي ۽ زندگي گذارڻ جي طريقن ۾ "بيجا تڪلفات" (يعني غير ضروري بناوت ۽ سجاوٽ) ۽ "اسراف" (يعني فضول خرچي) کان بچڻ جو نالو **سادگي** آهي. پر هتي اها ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي تہ سادگيءَ جي نالي تي ايتري سختي بہ نہ ڪئي وڃي جو معاملو "ڪنجوسيءَ" جي حد تائين وڃي پهچي. اسلام اسان کي ميانروي (وچٽرائپ) جو درس ڏئي ٿو.

سادگي جي هڪ اهم صورت اسان جي لباس ۾ ظاهر ٿئي ٿي. مثال طور: اها عادت بڻائڻ تہ اڪثر ڪري نئون ۽ قيمتي لباس پائڻ کي ئي ترجيح ڏني وڃي، يا رڳو ٻہ چار پيرا ڪپڙا پائي انهن کي "پراڻو" سمجهي ترڪ ڪري نوان لباس ورتا وڃن، تہ اهو عمل "بيجا تڪلف" ۾ شمار ٿئي ٿو ۽ سادگيءَ جي اصولن جي خلاف آهي. ان جي برعڪس، صاف سٿرا ۽ معمولي ڪپڙا پائڻ ۽ انهن کي بار بار استعمال ڪرڻ سنتِ نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سادگي آهي.

بيجا تڪلفات، ڏيکاءُ ۽ نمائش انسان کي فڪرِ آخرت کان غافل ڪري دنيا جي رنگينين ۾ ڦاسائي ڇڏيندا آهن. جڏهن تہ سادگي انسان جي دل ۾ عاجزي پيدا ڪندي آهي ۽ کيس الله پاڪ جي ويجهو ڪندي آهي. ياد رکو! سادگي اختيار ڪرڻ جو مطلب هي ناهي تہ انسان گندو يا ميرو رهي، بلڪ مقصد هي آهي تہ زندگيءَ جي ضرورتن ۾ "اسراف" ۽ "ڏيکاءُ" کان بچي ڪري سادي ۽ پروقار زندگي گذاري وڃي.

الله پاڪ اسان سڀني کي پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري سنت "سادگي" تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين.

978-969-722-878-2
01130331

فیضانِ مدینہ، محلّہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی، باب المدینہ (کراچی)
UAN: +92 21 111 25 26 92 Ext: 2650 / 1144
Web: www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
Email: feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net